ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Friday 10th July 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمعو 10 جولاءِ 2026ع 24 محرم الحرام 1448ھ صفحا 06 - ملھ 30 روپيا شمارو (324)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

آمريڪا جو ايران تي ڪروز ميزائل سان حملو، اسان بہ وڙهڻ لاءِ تيار آهيون: عباس عراقچي جو فيلڊ مارشل سان رابطو

تازن آمريڪي حملن ۾ ايران ۾ ريلوي پُل کي نقصان پهتو، تصديقي وڊيوز ۽ تصويرون بہ سامهون اچي ويون، رات جو رڪارڊ ڪيل بن وڊيوز ۾ گلستان جي آغ تڪ خان ريلوي پل جا منظر ڏسڻ ۾ آيا

عباس عراقچي ترڪي ۽ عمان ۾ پنهنجي هم منصبن سان رابطو ڪيو، سمورين ترين آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ تازي ڇڪتاڻ جي حوالي سان سفارتڪاريءَ تي زور ڏنو

ايراني پرڏيهي وزير فيلڊ مارشل عاصم منير سان رابطو ڪري تازن آمريڪي حملن جي سخت مذمت ڪئي ۽ ڪندي ان کي بنهي ملڪن ۾ ٿيل 14 نڪاتي مفاهمتي يادداشت جي ڀڃڪڙي قرار ڏنو

فيلڊ مارشل عاصم منير سان فون تي ٿيل گفتگو ۾ عباس عراقچي آمريڪي فوج جي ڪنهن بہ قسم جي اڳرائيءَ خلاف خبردار ڪيو ۽ جوابي ڏيڻ جو چٽو موقف پيش ڪيو

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي آرمي چيف فيلڊ مارشل عاصم منير سان ٽيليفونڪ رابطو ڪيو آهي جنهن دوران هن تازن آمريڪي حملن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي ان کي بنهي ملڪن جي وچ ۾ ٿيل 14 نڪاتي مفاهمتي يادداشت جي ڀڃڪڙي قرار ڏنو آهي ايراني ميڊيا موجب فيلڊ مارشل عاصم منير سان فون تي ٿيل
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي معاشي ترقي لاءِ عالمي سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ چاهيون ٿا: بلاول ڀٽو زرداري

پيپلز پارٽي جي چيئرمين جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس ۾ مختلف منصوبن جو جائزو ورتو ويو

وڏي وزير پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ فريم ورڪ تحت شروع ڪيل ٽن اهم اسٽريٽجڪ منصوبن بابت بريفنگ ڏني

جديد ڊجيٽل ٽيڪنالاجي پارڪ قائم ڪرڻ فارمرز ايگريڪلچرل ڪليڪٽوز ۽ ٻين منصوبن بابت غور ويچار

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري بلاول هائوس ڪراچي ۾ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪئي، جنهن ۾ سنڌ جي معاشي ترقي کي تيز ڪرڻ عالمي
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري مختلف منصوبن بابت اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي، وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ بہ موجود آهي

وينزويلا ۾ تباهي آڻيندڙ زلزلي سبب فوتگين جو انگ 3811 تي وير

ڪراڪس (اي پي پي) وينزويلا ۾ 24 جون
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪامريڊ شاهد عثماني پنهنجي زندگي اصولن، جمهوري قدرن ۽ عوامي حقن جي لاءِ جدوجهد ۾ گذاري: عطاءُ الله تارڙ

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

مرتضيٰ وهاب جي پ پ چيئرمين سان ملاقات، ترقياتي منصوبن بابت آگاهي

گذريل پنجن مهينن دوران ڪراچي ۾ ڇهہ اهم ترقياتي منصوبا مڪمل ڪيا ويا آهن: ميئر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان بلاول هائوس ڪراچي ۾ ڪراچي جي ميئر
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

اوير وارو پاڙيسري ملڪ پاڪستان ۾ ٿيندڙ دهشتگردي ۾ ملوث آهي، ان خلاف سمورا وسيلا استعمال ڪنداسين: وزيراعظم

ڪوئيٽا ۾ وزيراعظم جي صدارت هيٺ نيشنل ايڪشن پلان جي صوبائي اپيڪس ڪميٽي جو اجلاس، ٿيو آرمي چيف جنرل عاصم منير، گورنر ۽ بلوچستان جي وڏي وزير سميت وفاقي وزيرن شرڪت ڪئي

گذريل ڪجهہ ڏينهن ۾ دهشتگردي جا سنگين واقعا ٿيا آهن، جن جي نتيجي ۾ پوليس، پاڪ فوج جا جوان ۽ شهري شهيد ٿيا، مختلف ڪارروائين ۾ 54 دهشتگرد ماريا ويا

آخري دهشتگرد جي خلتمي تائين هي جنگ جاري رهندي، هٿياربند فوج جي آفيسرن ۽ جوانن لازوال قربانيون ڏنيون آهن، سموري قوم پنهنجي بهادر فوج سان گڏ بيٺل آهي

ملڪ جي سياسي ۽ عسڪري قيادت مڪمل يڪجهتي سان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پُرعزم آهي، افغانستان جي سرزمين تان دهشتگرد خيبرپختونخواهہ ۽ بلوچستان ۾ حملا ڪن ٿا

اسان جو اوير وارو پاڙيسري دهشتگردي ۾ ملوث آهي، دهشتگرد تنظيمن کي هٿيار فراهم ڪيا پيا وڃن، دهشتگرد افغان سرزمين استعمال ڪري رهيا آهن: وزيراعظم شهباز شريف جو اجلاس ۾ خطاب

ڪوئيٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ اسان جو اوير وارو پاڙيسري ملڪ دهشتگرد ڪارروائين ۾ ملوث آهي. ڪوئيٽا ۾ وزيراعظم جي صدارت هيٺ نيشنل ايڪشن پلان جي صوبائي اپيڪس ڪميٽي جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ آرمي چيف جنرل عاصم منير، گورنر ۽ بلوچستان جي وڏي وزير سميت وفاقي وزيرن شرڪت ڪئي. اجلاس کي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2


ڪوئيٽا: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ نيشنل ايڪشن پلان جي اپيڪس ڪميٽي جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي، فيلڊ مارشل عاصم منير بہ موجود آهي

زيارت حملي خلاف بلوچستان ۾ احتجاج، ڌرڻو، اڳواڻن حڪومت آڏو 3 مطالبا رکي ڇڏيا

بلوچستان جي راڄڌاني ڪوئيٽا ۾ سيڪيورٽي سان لاڳاپيل تازن واقعن خلاف احتجاجي ڌرڻن جو سلسلو جاري

هٿيارڌارن جي حملي جي نتيجي ۾ بن ايس ايڇ اوز سميت 9 پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويا هئا ۽ 21 اهلڪار اغوا ڪيا ويا هئا

احتجاج ڪيسٽائين جاري رهندو جيستائين حڪومت جا بااختيار نمائندا ڳالهين لاءِ نہ ايندا: ڪميٽي ميمبر عبدالفياض

ڪوئيٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بلوچستان جي راڄڌاني ڪوئيٽا ۾ سيڪيورٽي سان لاڳاپيل تازن واقعن خلاف احتجاجي ڌرڻن جو سلسلو جاري آهي ايئرپورٽ روڊ تي دهشتگردن جي حملن خلاف گذريل اڇر کان جاري
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي ٽوڙ عدالت پي ٽي آءِ اڳواڻن جي عارضي ضمانتن ۾ 5 سيپٽمبر تائين واڌ ڪري ڇڏي

لاهور (اي پي پي) لاهور جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت جناح هائوس عسڪري ٽاور ۽
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ايراني فوج جا بحرين، ڪويت ۽ قطر ۾ آمريڪي هدفن تي ڊرون حملا

ڪارروائي ۾ مختلف قسمن جا ڪيئي ڊرون استعمال ڪيا ويا: ايراني اختياريون

بحرين ۾ آمريڪي فوج جي استعمال هيٺ بارڻ جي ذخيرن کي نشانو بڻايو ويو

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني فوج دعويٰ ڪئي آهي تہ هن بحرين، ڪويت ۽ قطر ۾ آمريڪي فوجي اڏن ۽ اسٽريٽجڪ ٺاڪن کي ڊرون حملن ذريعي نشانو بڻايو آهي ايراني فوج موجب، ان ڪارروائي ۾ مختلف
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ايران ۾ سٽن ڏينهن جو سوڳ ختم، شهيد آيت الله خامنه اي لکين آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي

ايران ۽ عراق جي پنجن شهرن ۾ جاري ست ڏينهن واري سرڪاري سوڳ وارين تقريبن پنهنجي پڄاڻي تي پهچي ويون

سٽن ڏينهن تائين جاري رهندڙ جنازي ۽ تعزيتي تقريبن مذهبي ۽ سياسي علامتن سان ڀرپور رهيون، وڏي انگ ماڻهو روئن تي نڪتا

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) شهيد آيت الله علي خامنه اي جي تدفين سان گڏ ئي ايران ۽ پاڙيسري ملڪ عراق جي پنجن شهرن ۾ جاري سٽ ڏينهن وارو سرڪاري سوڳ وارين تقريبون پنهنجي پڄاڻي تي پهچي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

مادرِ ملت فاطمہ جناح تحريڪ پاڪستان ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو: بلاول ڀٽو زرداري

سندس حب الوطني، بهادري، جمهوري قدرن ۽ عوامي خدمت جي هڪ لازوال مثال آهي

سندن اصول پسندي، عزم ۽ قومي خدمت جو جذبو ايندڙ نسلن لاءِ هميشہ رهنمائي جو ذريعو رهندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري مادرِ ملت محترمہ فاطمہ جناح جي 59هين ورسي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

انفارميشن گروپ جو گريڊ 20 جو آفيسر محمد شهزاد ڊائريڪٽر جنرل پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ مقرر

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي حڪومت
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ معصوم ٻارڙي کي قتل ڪندڙ جوابدار جو والد بہ گرفتار

ٻارڙي ۾ جنازي دوران موقعي جو فائدو وٺي ٻار کي وٺي وڃي جنسي زيادتي ڪئي: جوابدار حمزه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پنجاب مان آيل وفد جي پير پاڳاري سان ملاقات، مختلف معاملن تي ڳالهيون

سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني جي صاحبزادي عبدالقادر گيلاني جي اڳواڻي ۾ وفد پهتو

ملاقات ۾ ملڪ جي مجموعي سياسي صورتحال ۽ گڏيل دلچسپي وارن مختلف معاملن تي ڳالهيون ٿيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سينيٽ جي چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني جي صاحبزادي ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر سيد عبدالقادر گيلاني جي اڳواڻي ۾ پنجاب مان آيل هڪ وفد خميس جي رات حرن جي روحاني پيشوا پير صاحب پاڳارا
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: عبدالقادر گيلاني جي قيادت ۾ وفد فنڪشنل مسلم ليگ جي سربراهہ پير پاڳاري سان ملاقات ڪري رهيو آهي

صوبائي وزير ذوالفقار شاهہ نجي اسپتال پهچي ناميار راڳي طفيل سنجراڻي جي عيادت ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ثقافت ۽
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ جماعت اسلامي پاران پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ خلاف اڄ مظاهرا ڪيا ويندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

عالمي چئلينجز کي اڪيلي سر منهن ڏيڻ ناممڪن آهي: محسن نقوي

سرحد کان ٻاهرين ڏوهن جي خاتمي لاءِ فوري رابطا ۽ ٽيڪنالاجي جو سهڪار اثرائتو آهي: گهرو وزير

فورسز جي تربيت جي نظام کي مضبوط ڪري ان جي حلت جو ڪان رڌ استعمال يقيني بڻائڻو پوندو

نيويارڪ (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو آهي تہ دنيا کي هن وقت گڏيل سيڪيورٽي چئلينجز درپيش آهن، اهي ڪنهن هڪ ملڪ تائين محدود ناهن پر سرحدن کان معاهون آهن، ڪو بہ ملڪ
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

رئيسہ عادل پرنسپل انفارميشن آفيسر ۽ مبشر حسن ڊي جي ڊيجيٽل ڪميونيڪيشن مقرر

ٻنهي آفيسرن جون نيون مقرريون فوري طور تي ٻئي حڪم تائين لاڳو هونديون: نوٽيفڪيشن


پرنسيپل انفارميشن آفيسر جڏهن تہ مبشر

ڪوئيٽا (اي پي پي) وفاقي حڪومت انفارميشن گروپ جي گريڊ 20 جي آفيسر رئيسہ عادل کي حسن کي ڊائريڪٽر جنرل ڊيجيٽل ڪميونيڪيشن ڊپارٽمينٽ جي عهدن تي مقرر ڪري ڇڏيو آهي اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت پاران خميس ڏينهن جاري نوٽيفڪيشنز موجب رئيسہ عادل ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جنرل ايڪسٽرنل پبلسٽي ونگ جڏهن تہ انفارميشن گروپ جي گريڊ 20 جو آفيسر مبشر حسن
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي وليڪا اسپتال ۾ مريضن ۽ عملي ۾ ايڇ آءِ وي پکڙجڻ تي 37 ملازمن خلاف ڪارروائي جو حڪم

جاچ رپورٽ تي ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر هما امان ۽ ڊاڪٽر امان الله کي فوري طور معطل ڪيو ويو

ڊسپينسر بشارت خان کي معطل ۽ ڪيس نوڪري مان برطرف ڪري باقاعده ڪارروائي شروع ڪئي وئي

ٻين ڊاڪٽرن، نرسن ۽ پيرا ميڊيڪل عملي سميت مجموعي طور 37 ملازمن کي شوڪاز نوٽيس جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي سائيٽ ايريا ۾ قائم سنڌ ايمپلائيز سوشل سيڪيورٽي انسٽيٽيوشن (SESSI) جي وليڪا اسپتال ۾ مريضن ۽ عملي ۾ ايڇ آءِ وي وائرس پکڙجڻ واري انتهائي سنگين معاملي تي صوبائي حڪومت وڏي انتظامي ڪارروائي ڪئي آهي صوبائي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران آبادي پلاڻي کاتي ۾ آفيسرن جون بدليون ۽ مقرريون، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آبادي پلاڻي کاتي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب سان برطانيا ۾ پاڪستان جو نئون مقرر ٿيل هاءِ ڪمشنر ٽيپو عثمان ملاقات ڪري رهيو آهي

گهرو وزير خيرپور ضلعي ۾ ناريجا برادري جي ڌرين ٿيل جهيڙي جو نوٽيس ورتو، رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

محترمہ فاطمہ جناح جون قومي، جمهوري ۽ سماجي خدمتون تاريخ جو قيمتي اثاثو آهن: مراد علي شاهہ

مادر ملت تحريڪ پاڪستان دوران قائداعظم محمد علي جناح سان گڏ بي مثال جدوجهد ڪئي

فاطمہ جناح عورتن جي قومي ترقي، سماجي خدمت ۽ سياسي شعور جي نئين واٽ ڏيکاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ مادر ملت محترمہ فاطمہ جناح جي ورسيءَ جي موقعي تي
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

جماعت اسلامي اڳواڻ الزام مڙهڻ کان اڳ عوام کي پنهنجي ڪارڪردگي ٻڌائين: سعديہ جاويد

ڪراچي کي منفي سياست، ڪوڙن الزامن ۽ بي بنياد بيانن جي نہ پر عملي خدمت جي ضرورت آهي

ڪي ايم سي پنهنجي ڪائري اختيار ۾ ايندڙ نالن جي صفائي مؤثر نموني سان ڪري رهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديہ جاويد جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر ۽ ايم ڪيو
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: وفاقي صدر يوسف رضا گيلاني سان ڪروشيا جو پرڏيهي وزير گورڊن گرلڪ رڊمان ملاقات ڪري رهيو آهي

پاڪستان ۽ ڪروشيا پاران سياسي ۽ اقتصادي لاڳاپن ۾ واڌ لاءِ نوس قدم کڻڻ تي اتفاق

ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سياسي ۽ اقتصادي لاڳاپن ۾ وڌيڪ رفتار پيدا ڪرڻ جي لاءِ ٺوس قدم کنيا ويندا

ٻئي ملڪ واپار، سيڙپڪاري، ترقي، زراعت، افرادي قوت جي موبيلٽي، ويزا سهولت سميت ٻين شعبن ۾ تعاون وڌائيندا

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي ڪروشيا جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر گورڊن گرليچ ريڊمين سان گڏيل پريس ڪانفرنس ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ ڪروشيا ان ڳالهہ تي اتفاق ڪيو آهي تہ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سياسي ۽
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان ڪروشيا جو پرڏيهي وزير هٿ ملائيندي

ڪراچي ۾ پابندي مڙهيل تنظيم سان لاڳاپيل بہ مبينا دهشتگرد گرفتار

جوابدارن محمد جميل انصاري عرف شعيب عرف چاچا ۽ حماد انصاري عرف ضرار عرف ٻيلو سوگها

ٻنهي جا نالا سي ٽي ڊي جي ريڊ بُڪ ۾ انتهائي گهربل دهشتگردن جي فهرست ۾ شامل هئا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) ڳجهي جاڻ جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي پابندي مڙهيل تنظيم لشڪر جهنگوي جي عطاالرحمان عرف نعيم بخاري گروپ سان واسطو رکندڙ بن مبينا دهشتگردن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي، جيڪي ڪراچي ۾ آءِ اِي
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

عالمي بئنڪ جي وفد پاران سنڌ جي ٽرانسپورٽ شعبي ۾ سڌارن ۽ جديد منصوبن کي جي واکاڻ

سينيئر وزير شرجيل ميمڻ وفد کي ييلو لائين بي آر ٽي منصوبي جي اڳڀرائي بابت تفصيلي آگاهي ڏني

اي وي بس سروس ۽ عورتن لاءِ شروع ڪيل پنڪ اي وي اسڪوٽي اسڪيم کي واکاڻ جوڳو قرار ڏنو ويو

نجي شعبي ۽ سيڙپڪارن جي شموليت سان منصوبن کي جتادار ۽ دائري کي وڌيڪ وسيع بڻائي سگهجي ٿو: اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سان
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي مسلم ورلڊ ليگ جي سيڪريٽري کي شيلڊ ڏيندي

آزاد ۽ عوام دوست عدليہ قانون جي حڪمراني ۽ ترقيءَ جو بنياد آهي: چيف جسٽس

عدالتي ادارن کي ٻيائڪري انصاف تائين رسائي ۽ بنيادي حقن جي تحفظ جهڙن شعبن ۾ عالمي تعاون مان فائدو کڻڻ گهرجي

مسلم ورلڊ ليگ جي جنرل سيڪريٽري شيخ ڊاڪٽر محمد بن عبدالڪريم العيسيٰ ۽ چيف جسٽس وچ ۾ ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي تہ آزاد، مؤثر ۽ عوام دوست عدليہ قانون جي حڪمراني ۽ پائيدار ترقيءَ جو بنياد آهي جڏهن تہ عدالتي ادارن
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

جيل کاتي ۾ بہتري جو عمل مڪمل شفافيت ۽ ميرٽ تي مڪمل ڪيو وڃي: علي حسن زرداري

صوبائي وزير ڪراچي روجهن ۾ جاري پرڏين لاءِ ٿيندڙ فزيڪل ٽيسٽن جو اوچتو دورو ڪيو

سعيد آباد ۾ بلدير سينٽر پهچي اميدوارن سان ملاقات ڪري سندن مسئلا ۽ خدشا ٻڌا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي جيل کاتي ۽ ورڪس اينڊ سروسز واري صوبائي وزير علي حسن زرداري عوامي شڪايتن کاتي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي عدالت گل پلازه سانحي بابت پوليس چالان رد ڪري ڇڏيو، نئين سر جاچ جو حڪم

عدالت پاران ڪيس جي جاچ گهٽ ۾ گهٽ ڊي ايس پي رينڪ جي سينيئر آفيسر حوالي ڪرڻ جو حڪم

جاچ آفيسر واقعي جي سمورن اهم پهلوئن جي مؤثر جاچ ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي: ريمارڪس

نئين جاچ دوران گل پلازه جو منظور ٿيل نقشو عمارت جي ريگيولرائيزيشن جو مڪمل رڪارڊ حاصل ڪيو وڃي: حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي جوڊيشل مجسٽريٽ سائوٿ جي عدالت گل پلازه سانحي بابت پوليس پاران پيش ڪيل چالان رد ڪندي ڪيس جي نئين سر جاچ ڪرائڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اينڪر پرسن مريد عباس ۽ خضر حيات قتل ڪيس جي مک جوابدار کي ٻہ ڀيرا موت جي سزا

مقامي عدالت ۾ ٽرائل دوران شاهدن، ثبوتن ۽ رڪارڊ جي بنياد تي عاطف زمان خلاف الزام ثابت ٿي ويا

قتل واري ڪيس جو سٽن سالن کانپوءِ فيصلو ٻڌايو ويو مک جوابدار عاطف زمان کي سزا ٻڌائي وئي

ڪاروباري ڏيتي ليتي جي تڪرار تان9 جولاءِ 2019ع تي اينڪر سميت ٻن ڄڻن کي قتل ڪيو ويو هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن عدالت اينڪر پرسن مريد عباس ۽ خضر حيات جي قتل واري ڪيس جو سٽن سالن کانپوءِ فيصلو ٻڌائيندي مک جوابدار عاطف زمان کي ٻنهي قتلن جو
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: ايف 9 مرڪز ڪراچي ڪمپني جي هڪ شاپنگ پلازا جي بيسمينٽ ۾ لڳل باهہ کي وسائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

پ پ چيئرمين جو صوبائي وزير ناصر شاهہ سان ٽيلفونڪ رابطو، سندس جلد صحتيابي لاءِ دعا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران اطلاعات کاتي ۾ ڪاشف گلزار شيخ سيڪريٽري طور مقرر، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت اطلاعات کاتي جي سيڪريٽري طور
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

بئنڪ اسلامي پاڪستان جي بهترين اسلامي ڊجيٽل بئنڪ جو اعزاز ماڻي ورتو

بئنڪنگ ۽ مالي خدمتن ۾ اعليٰ معيار جي عالمي سڃاڻپ رکندڙ يورو مني پاران اهڙو اعزاز ڏنو ويو

پاڪستان جي اسلامي بئنڪنگ شعبي ۾ پنهنجي قيادت کي وڌيڪ مضبوط بڻائينداسين: عملدار

ڪراچي (رپورٽ: صالح بلوچ) بينڪ اسلامي پاڪستان لميٽيڊ کي دنيا جي سڀ کان معتبر مالي اشاعتن مان هڪ ۽ بئنڪنگ ۽ مالي خدمتن ۾ اعليٰ معيار جي عالمي سڃاڻپ رکندڙ يورو مني پاران
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: بينڪ اسلامي پاڪستان کي بهترين اسلامي ڊجيٽل بئنڪ جو اعزاز ملڻ بعد جاري ڪيل بروشر

بيسٽ وي گروپ پاران پاڪستان ۾ گيلي آٽو گروپ سان اسٽريٽجڪ پارٽنرشپ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بيسٽ وي گروپ پاڪستان ۾ گيلي آٽو گروپ سان هڪ تاريخي اسٽريٽجڪ پارٽنرشپ جو اعلان ڪري ڇڏيو بيسٽ وي گروپ چين جي سڀ کان وڏي خانگي ڪمپني آهي، معاهدي جي تحت، بيسٽ وي گروپ، پنهنجي ماتحت ڪمپني بيسٽ وي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2


لاهور: وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ 54 هين ڪامن ڪورس ۾ شريڪ پروبيشنري آفيسرن کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ حڪومت پاران فلور ملز ۽ لائسنس رکندڙ واپارين لاءِ ڪڻڪ اسٽاڪ جي حد مقرر ڪرڻ جو فيصلو

گهرو وزير وزير ۽ خوراڪ واري وزير جي گڏيل صدارت هيٺ هڪ اهم اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو

ڪڻڪ جي ذخيره اندوزي ۽ ناجائز منافعي خوري خلاف بنا ڪنهن امتياز جي ڪارروائي ڪئي وڃي: ضياءُ لنجار

عوام کي مناسب اگهہ تي ڪڻڪ ۽ اٽي جي فراهمي يقيني بڻائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا: محبوب الزمان

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ حڪومت ڪڻڪ جي ذخيره اندوزي، هٿرادو کوٽ ۽ ناجائز منافعي خوري جي روڪٿام لاءِ اثرائتا ۽ فيصلاڪن قدم کڻندي فلور ملن ۽ لائسنس رکندڙ ڪڻڪ واپارين لاءِ
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي پاران "مرسون مرسون سنڌو نہ ڏيسون" جي نعري هيٺ احتجاجي ريليون ڪڍڻ جو اعلان

پارٽ جي پاٽي تي دهشتگردي خلاف اڇر ڏهاڙي سڄي سنڌ جي ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ احتجاج ڪيو ويندو: نثار کهڙو

سنڌو درياهہ ۽ پاڻي اسان جي بقا ۽ زندگي آهي، جنهن جو ڦرلُٽ ڪنهن بہ صورت ۾ ٿيڻ نہ ڏنو ويندو

ڀارت پاران سنڌ طاس معاهدو هڪ طرف معطل رکڻ بين الاقوامي معاهدي جي کلي ڀڃڪڙي آهي

ڪراچي (بيورو روورٽ) ڀارت جي پاڻي تي دهشتگردي نامنظور پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ اڇر تي سڄي سنڌ ۾ "مرسون مرسون سنڌو نہ ڏيسون" جي نعري هيٺ احتجاجي ريليون ڪڍڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي يونيورسٽي ۾ سيميسٽر امتحانن دوران جهيڙو، ڪيترائي شاگرد ۽ استاد زخمي

اسلامي جمعيت طلبہ جي 50 کان وڌيڪ ڪارڪنن سنڌي شعبي جي شاگردن ۽ استادن تي حملو ڪيو

لائبريري ۾ ويٺل شاگردن کي بہ مبينا طور نشانو بڻايو ويو، زخمي شاگردن کي اسپتال نيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ سيميسٽر امتحانن دوران ٻن شاگرد تنظيمن وچ ۾ ڇڪتاڻ
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2


فيصل آباد: هڪ ڪاريگر ٽٿي تي جليبيون تري رهيو آهي

خيرپور ويجهو ناريجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ ٻن عورتن سميت 6 ڄڻا قتل

ڪچي واري علائقي فيض محمد ٻنڊو ۾ مائٽي جي تڪرار تان فائرنگ ۾ فتح محمد، راجا، عيدن، سهراب ۽ ٻہ عورتون مارجي ويون

اطلاع تي ايس ايس پي هيوي مشينري، اي پي سي چين ۽ پوليس جي وڏي نفري ساڻ ڪري واقعي واري هنڌ پهتو، صورتحال تي ضابطو آندو

مارجي ويلن جا لاش ۽ زخمين کي ڪنڌي اسپتال منتقل ڪيو ويو، فوتين جي انگ ۾ واڌ جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي

خيرپور/گمبٽ(نمائندن وٽان) ڪوٽ مير محمد جي ڪچي واري علائقي ٿاڻي فيض محمد ٻنڊو جي حد ۾ ناريجا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ مائٽي جي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران ٻنهي پاسن کان فائرنگ ڪئي وئي فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻن عورتن سميت 6 ڄڻا مارجي ويا مارجي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

فتح محمد ناريجو ۽ انور ناريجو جي ڌرين ۾ سڳاوتي تڪرار تان جهيڙو ٿيو: ذريعا

خيرپور: ڪچي واري علائقي فيض محمد
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

فائرنگ سبب پوري علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙيل، رهواسين گهرن تائين محدود

خيرپور: جهيڙي دوران جديد هٿيار سان فائرنگ سبب پوري علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو آهي ۽ علائقي واسي گهرن تائين محدود ٿي ويا آهن

واقعي جو وڏي وزير ۽ گهرو وزير پاران نوٽيس، زخمين جي علاج لاءِ هدايتون

وڏي وزير مراد علي شاهہ متاثر خاندان سان گهري ڏک ۽ همدردي جو اظهار ڪيو

وزير داخلا پاران آئي جي سنڌ کي ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سخت هدايتون ڏنيون

خيرپور: ٻي پاسي وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهہ، وزير داخلا سنڌ ضياءالحسن لنجار، آئي جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ڪوٽ مير
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پاڻي چوري روڪڻ لاءِ سنڌ جي پهرين خصوصي پوليس اسٽيشن جو افتتاح

ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي ٿاڻي جو افتتاح ڪيو

قائم ڪيل ٿاڻو پاڻي چوري جي ڪيسن جي آزاداڻي جاچ، قانوني ڪارروائي عمل ۾ آڻيندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شهر جي آبي وسيلن جي تحفظ ۽ ادارتي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي سلسلي ۾ هڪ اهم قدم طور ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2


ملتان: ڪجهہ نوجوان موٽر سائيڪلن تي کٽون کڻي وڃي رهيا آهن

بقايا 1 روزاني عبرت

خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ دهشتگردي جا سنگين واقعا ٿيا آهن جن جي نتيجي ۾ پوليس، پاڪ فوج جا جوان ۽ شهري شهيد ٿيا هن ٻڌايو ته مختلف ڪارروائين ۾ 54 دهشتگرد ماريا ويا ۽ آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين هي جنگ جاري رهندي. وزيراعظم چيو ته هٿياربند فوج جي آفيسرن ۽ جوانن لازوال قربانيون ڏنيون آهن سموري قوم پنهنجي بهادر فوج سان گڏ بيٺل آهي شهباز شريف چيو ته اسان جو اوڀر وارو پاڙيسري دهشتگردي ۾ ملوث آهي دهشتگرد تنظيمن کي هٿيار فراهم ڪيا پيا وڃن جڏهن ته دهشتگرد افغان سرزمين استعمال ڪري رهيا آهن وزيراعظم چيو ته سياسي ۽ عسڪري قيادت جو عزم آهي ته اسان گڏجي ملي ڪري دهشتگردي جو خاتمو ڪرڻو آهي ان فتني کي مڪمل طور ختم ڪرڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪم آندا ويندا. وزيراعظم محمد شهباز شريف ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي جي اٽل عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته ملڪ جي سياسي ۽ عسڪري قيادت مڪمل يڪجهتي سان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پُرعزم آهي. آخري فسادي دهشتگرد جي خاتمي تائين جنگ جاري رهندي، حڪومت سمورا دستياب وسيلا استعمال ۾ آڻيندي پاڪستان کي امن ترقي ۽ خوشحالي جي راهه تي گامزن ڪندي، دشمن پاڪستان جي سفارتي ڪاميابين ۽ گذريل سال معرڪ حق ۾ حاصل ٿيندڙ ڪاميابين کان ڏڪل آهن. اهڙن خيالن جو اظهار هن خميس ڏينهن ڪوئيٽا ۾ صوبائي اپيڪس ڪميٽي جي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. اجلاس ۾ چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير بلوچستان جي گورنر جعفر خان مندوخيل، بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيما، وزيراعظم جي سياسي معاملن واري صلاحڪار راڻا ثناءُ الله ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي سربراهن شرڪت ڪئي اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته گذريل ڇهن ڏينهن دوران بلوچستان ۾ انتهائي افسوسناڪ دهشتگردي جا واقعا پيش آيا، جن ۾ پوليس اهلڪار، سيڪيورٽي فورسز جا جوان ۽ بيگناهه شهري شهيد ٿيا. هن چيو ته سيڪيورٽي فورسز موثر ڪارروايون ڪندي 54 دهشتگردن کي جهنم پهچايو ڪيو دهشتگردي جي خلاف جنگ ان وقت تائين جاري رهندي جيستائين آخري فسادي دهشتگرد جو خاتمو نه ٿي وڃي شهباز شريف چيو ته پاڪ فوج، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ پوليس قوم دهشتگردي جي خلاف بي مثال قربانيون ڏنيون آهن قوم پنهنجي بهادر فوج ۽ سيڪيورٽي ادارن سان گڏ بيٺل آهي ۽ يقين رکي ٿي ته انهن قربانين جي نتيجي ۾ دهشتگردي جو مڪمل خاتمو ٿيندو هن چيو ته ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته دهشتگردي جي ان فتني ۾ پاڪستان جي اوڀر پاڙيسري ملڪ جو پرپور ڪردار آهي جيڪو دهشتگردن کي هٿيار، مالي معاونت ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪري رهيو آهي هن چيو ته افغانستان جي سرزمين استعمال ڪندي دهشتگرد خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ حملا ڪن ٿا جڏهن ته رياست انهن عنصرن جي ڪٽڌي ارادن کي هر صورت ۾ ناڪام بڻائيندي

بقايا 2 روزاني عبرت

کي ٽيڪنالاجي، انصاف تائين رسائي عدالتي تربيت ۽ بنيادي حقن جي تحفظ جهڙن شعبن ۾ عالمي تعاون ۽ بهتر تجربن مان فائدو کڻڻ گهرجي اهڙن خيالن جو اظهار هن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ مسلم ورلڊ ليگ جي جنرل سيڪريٽري شيخ ڊاڪٽر محمد بن عبدالڪريم العيسي سان ملاقات دوران ڪيو ملاقات ۾ مسلم ورلڊ ليگ جو اعليٰ سطحي وفد، پاڪستان ۾ سعودي عرب جو سفير نواف بن سعيد المالڪي ۽ پرڏيهي وزارت جي سينيئر عملدارن شرڪت ڪئي چيف جسٽس پاڪستان مسلم ورلڊ ليگ جي بين المذاهب ۽ بين الثقافتي ڳالهين اسلام جي حقيقي تعليم کي هٿي وٺرائڻ انتهاپسندي ۽ اسلاموفوبيا خلاف ڪوششن ۽ مسلم دنيا ۾ انساني همدردي جي خدمتن کي ساراهيو هن شيخ ڊاڪٽر محمد بن عبدالڪريم العيسي جي اڳواڻيءَ کي گڏيل احترام، گڏيل پرامن بقا ۽ گڏيل انساني قدرن کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم قرار ڏنو چيف جسٽس وفد کي سپريم ڪورٽ ۾ جاري سڌارا جاتي ايجنڊا کان آگاهه ڪندي ٻڌايو ته انصاف تائين آسان رسائي، اداره جاتي شفافيت، عدالتي نظام ۾ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال ۽ عوامي اعتماد کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڪيترائي قدم کنيا پيا وڃن

بقايا 3 روزاني عبرت

9 مئي تي باهيون ڏيڻ سميت ٻين ڪيسن ۾ پي ٽي آءِ جي ڪيترن ئي اڳواڻن جي عارضي ضمانتن ۾ 5 سيپٽمبر تائين واڌ ڪري ڇڏي، جڏهن ته اينڊڙ ٻڌڻيءَ تي ضمانت جي درخواستن تي وڪيلن کان دليل طلب ڪري ورتا ويا. عدالت جي جج ملڪ عابد حسين 9 مئي جي واقعن ۾ (ن) ليگ جي آفيس کي باهه ڏيڻ، ڪلمه چوڪ ۾ ڪنٽينر ساڙڻ ۽ ٻين ڪيسن جي ٻڌڻي ڪئي عدالت آڏو فواد چوڌري، اعظم سواتي، مسرت جمشيد چيما، جمشيد اقبال چيما، امتياز محمود شيخ ۽ ٻيا ملزم پيش ٿيا ملزمن جي وڪيلن ضمانت جي درخواستن تي دليلن لاءِ مهلت طلب ڪري، جنهن تي عدالت سمورن لاڳاپيل ملزمن جي عارضي ضمانتن ۾ 5 سيپٽمبر تائين واڌ ڪندي اينڊڙ ٻڌڻيءَ تي دليل طلب ڪري ورتا. عدالت پي ٽي آءِ جي باني جي ڀيڻ عليمه خان ۽ عظميٰ خان جي عارضي ضمانتن ۾ 5 سيپٽمبر تائين واڌ ڪري ڇڏي عظميٰ خان عدالت ۾ پيش ٿي جڏهن ته عليمه خان طرفان هڪ ڏينهن جي حاضريءَ کان ڇوٽ جي درخواست ڏني وئي، جنهن کي عدالت منظور ڪري ورتو

بقايا 4 روزاني عبرت

قسمن جا ڪيئي ڊرون استعمال ڪيا ويا. بيان ۾ چيو ويو آهي ته حملن ۾ ڪويت ۾ پيٽرياٽ ميزائل سسٽم، قطر ۾ شروعاتي وارننگ سيٽلائيٽ اينٽينا سائيٽ ۽ بحرين ۾ آمريڪي فوج جي استعمال هيٺ بارڻ جي ذخيرن کي نشانو بڻايو ويو ايراني فوج وڌيڪ چيو ته هٿياربند فوج آمريڪي صدر جي احمقاڻن مقصدن کي ڪنهن به صورت ۾ پورو نه ٿيڻ ڏيندي

بقايا 5 روزاني عبرت

جاري آهي ايئرپورٽ روڊ تي دهشتگردن جي حملن خلاف گذريل اُچر کان جاري ڌرڻي ڪانيو هائي ڪوئلا ڦاٽڪ وٽ به هڪ نئون ڌرڻو شروع ٿي ويو آهي ڪوئلا ڦاٽڪ وٽ زيارت ۾ سانگي ڊيم ڦيز ٿري جي اڏاوتي سائيٽ تي مقرر پوليس اهلڪارن جي وارثن طرفان ڌرڻو هنيو ويو آهي واضح رهي ته گذريل سومر تي اڻڄاتل هٿياربندن ان علائقي ۾ حملو ڪيو هو جنهن جي نتيجي ۾ بي ايس ايڇ او سميت 9 پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويا هئا ۽ 21 اهلڪار اغوا ڪيا ويا هئا، بعد ۾ اغوا ٿيل اهلڪارن کي قتل ڪري سنڌن مڙهه زرغون غر واري علائقي ۾ اڇلايا ويا هئا. شهيد اهلڪارن جا لاش گذريل رات ڪوئيٽا منتقل ڪيا ويا، پوسٽ مارٽم ڪانپوءِ 13 اهلڪارن جا مڙهه تدفين لاءِ سندن اباڻن علائقن ڏانهن روانا ڪيا ويا، جڏهن ته باقي اٺن جڻن جا لاش ڪوئلا ڦاٽڪ وٽ رکي احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو آهي. ڌرڻي ڪميٽي جي رڪن عبدالفياض موجب، احتجاج جيستائين جاري رهندو جيستائين حڪومت جا بااختيار نمائندا ڳالهين لاءِ نه ايندا. سنڌس چوڻ آهي ته زيارت کي بيهر مڪمل طور پرامن بڻايو وڃي.

بقايا 6 روزاني عبرت

سياحت واري وزير سيد ذوالفقار علي شاهه ناميارا راڳي طفيل سنجراڻي جي عيادت لاءِ نجي اسپتال پهچي سندس خيريت معلوم ڪئي صوبائي وزير طفيل سنجراڻي جي طبيعت بابت ڊاڪٽرن کان تفصيلي ڄاڻ ورتي ۽ هدايت ڪئي ته سندس علاج ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي نه ڪئي وڃي هن چيو ته سنڌ حڪومت ۽ ثقافت کاتو هن ڏکئي وقت ۾ طفيل سنجراڻي سان گڏ بيٺل آهن سيد ذوالفقار علي شاهه طفيل سنجراڻي جي گهرڀاتين سان پڻ ملاقات ڪئي ۽ کين يقين ڏياريو ته سنڌ حڪومت علاج سميت هر ممڪن سهڪار جاري رکندي هن ٻڌايو ته ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران طفيل سنجراڻي جي علاج لاءِ مالي مدد پڻ فراهم ڪئي وئي آهي صوبائي وزير چيو ته طفيل سنجراڻي سنڌ جو قيمتي ثقافتي اثاثو آهن ۽ سنڌن فن خدمتن ۽ سچائيءَ تي سچي سنڌ کي فخر آهي حڪومت پنهنجي فنڪارن جي ڀلائي ۽ سارسنڀال لاءِ هر وقت سنجيده قدم کڻندي رهندي هن وڌيڪ چيو ته هو طفيل سنجراڻي جي جلد ۽ مڪمل صحتيابي لاءِ دعاگو آهي ۽ اميد ظاهر ڪئي ته هو جلد صحتياب ٿي بيهر پنهنجي فن وسيلي ماڻهن جي دلين کي موهيندا.

بقايا 7 روزاني عبرت

اسلامي ڪراچي منعم ظفر خان اعلان ڪيو آهي ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ خلاف سڀاڻي جمعي ڏينهن ڪراچي جي يارهن هنڌن تي احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا. هن چيو ته اهي احتجاج عوام تي وڌندڙ مهانگائي ۽ معاشي بار خلاف ۽ عام ماڻهو کي انصاف ڏيارڻ لاءِ ڪيا پيا وڃن هن ادارا نور حق ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ڪارگو جهاز جي حادثي تي گهري ڏک جو اظهار ڪريون ٿا، پاڪ بحريه ۽ ريسڪيو ٽيمون گم ٿيل ماڻهن جي ڳولا ۾ مصروف آهن ۽ حڪومت کي به امدادي ڪارروائي وڌيڪ تيز ڪرڻ گهرجي. منعم ظفر خان چيو ته بلوچستان جي صورتحال ڳڻتي جوڳي آهي جڏهن ته ڪراچي ۾ به انفراسٽرڪچر امن امان ۽ شهري سهولتن جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وڃي

بقايا 8 روزاني عبرت

اقتصادي لاڳاپن ۾ وڌيڪ رفتار پيدا ڪرڻ جي لاءِ ٺوس قدم کنيا ويندا، ٻنهي ملڪن وارا سيڙپڪاري، بنيادي ڍانچي ۽ ويزا سهولت سميت گڏيل دلچسپي جي وسيع شعبن ۾ تعاون کي فروغ ڏيڻ تي اتفاق ڪيو آهي اهو اتفاق راءِ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ پاڪستان جي دوري تي آيل ڪروشيا جي پرڏيهي ۽ يورپي معاملن واري وزير ڊاڪٽر گورڊن گرليچ ريڊمين جي وچ ۾ هٿي وفدن جي سطح تي ڳالهه ٻولهه دوران ٿيو گڏيل پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو ته ٻنهي اڳواڻن پاڪستان — ڪروشيا لاڳاپن جي سمورن رخن جو جائزو ورتو ۽ سياسي ۽ اقتصادي رابطن کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جي لاءِ قدم کڻڻ تي اتفاق ڪيو هن چيو ته ٻئي ملڪ واپار، سيڙپڪاري، ترقي، زراعت، افرادي قوت جي موبيلٽي، ويزا سهولت، تعليم، دفاع، موسمياتي تبديلي، سياحت، بنيادي ڍانچي، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ بندرگاهن جي تعاون سميت سمورن گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ تعاون وڌائيندا. هي ڪروشيا جي ڪنهن پرڏيهي وزير جو پاڪستان جو پهريون سرڪاري دورو آهي جيڪو ٻنهي ملڪن جي سفارتي لاڳاپن جي تاريخ ۾ هڪ نئين باب جي شروعات آهي نائب وزيراعظم چيو ته ٻطرفو واپار اڃا پنهنجي حقيقي صلاحيت کان گهٽ آهي جڏهن ته واپاري ڪاٿي ۾ اضافي جو رجحان آهي هن چيو ته ٻنهي ملڪن اقتصادي لاڳاپن کي بيهر فعال بڻائڻ تي اتفاق ڪيو آهي جنهن ۾ گڏيل مفاد جي لاءِ ڪاروباري ادارن جي وچ ۾ رابطن کي فروغ ڏيڻ به شامل آهي. هن چيو ته ٻنهي ملڪن جي نجي شعبن ۽ ڪاروباري برادرين کي ويجهو آڻڻ جي لاءِ مستقبل ۾ بزنس ٽو بزنس واپاري فورم منعقد ڪرڻ جي منصوبي تي پڻ غور ڪيو ويو نائب وزيراعظم چيو ته ڏرين ٻطرفي سياسي مشاورت بابت مفاهمت جي يادداشت کي مڪمل طور تي فعال بڻائڻ جو فيصلو ڪيو آهي جڏهن ته ان مشاورت جو پهريون دور هلندڙ سال يا 2027 ع جي شروع ۾ منعقد ڪري سگهجي ٿو ٻنهي اڳواڻن اسلام آباد ۾ ڪروشيا جي ويزا پراسيسنگ مرڪز قائم ڪرڻ جي لاءِ گڏيل ڪوششون تيز ڪرڻ جو اعلان ڪيو هن وقت پاڪستاني درخواستگذارن کي ويزا پراسيسنگ جي لاءِ ايران وڃڻو پوي ٿو ڪروشيا جي پرڏيهي وزير چيو ته ڪروشيا عوامي رابطن کي تمام گهڻي اهميت ڏي ٿو ۽ چاهي ٿو ته پاڪستاني شهري پاڪستان ۾ ئي ويزا درخواستون جمع ڪرائي سگهن ته جيئن انهن کي ٻاهرين ملڪ سفر نه ڪرڻو پوي، هن چيو ته ڪروشيا جلد اها سهولت قائم ڪرڻ جو خواهشمند آهي نائب وزيراعظم انساني اسمگلنگ ۽ غيرقانوني چرپر جي خاتمي جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو ته محفوظ، منظم ۽ قانوني طريقيڪار جي ذريعي موقعا فراهم ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن ٻاهرئين ملڪ رهندڙن جي حقن ۽ زندگين جو تحفظ ڪري سگهجي ۽ اسمگلنگ جي غيرقانوني نيٽ ورڪس جو خاتمو ٿئي هن ٻنهي ملڪن جي اسٽريٽجڪ جاگرافيائي بيهڪ جو ذڪر ڪندي ڪروشين وفد کي ڪراچي بندرگاهه جي صلاحيت، سهولتن ۽ رابطڪاري بابت آگاهه ڪيو ۽ ٻنهي ملڪن جي بندرگاهن جي وچ ۾ تعاون تي ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪئي ڳالهه ٻولهه دوران نائب وزيراعظم ڪروشين وفد کي پراڻي تڪرار جمون ۽ ڪشمير ۽ غزه ۾ جاري صورتحال کان آگاهه ڪيو ۽ تجويز ڏني ته نيويارڪ ۾ ايندڙ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي اجلاس ۾ امن ڪوششن کي بيهر فعال ڪيو وڃي هن سنڌ طاس معاهدي کي هڪطرفي طور تي معطل رکڻ جي ڀارتي قدم تي پڻ ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ درست ملڪن کي پاڻي کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي عمل جي خاتمي ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جي اپيل ڪئي هن ڪروشين وفد کي افغانستان جو خاتمو ٿئي هن دهشتگرد نيٽ ورڪس جن ۾ ٽي ٽي پي ۽ بي ايل اي شامل آهن کان دربيش سيڪيورٽي چئلينجز کان پڻ آگاهه ڪيو هن زور ڏنو ته افغان طالبان حڪومت پنهنجي عالمي ذميوارين تي عمل ڪري ۽ افغان سرزمين ڪنهن ٻئي ملڪ خاص طور تي پاڪستان جي خلاف دهشتگردي جي لاءِ استعمال ٿيڻ نه ڏي ٻنهي ڌرين يوڪرين جي صورتحال تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ عالمي قانون موجب تڪرارن جي حل جي ضرورت تي زور ڏنو نائب وزيراعظم چيو ته پاڪستان جي لاءِ يورپي يونين جي جي ايس پي پلس اسڪيم پاڪستان — يورپي يونين اقتصادي تعاون جو هڪ اهم ٿنڀ آهي هن چيو ته جيئن ته نئون جي ايس پي پلس ضابطو پهرين جنوري 2027 ع کان لاڳو ٿيڻ وارو آهي پاڪستان 2027 ع جي شروع ۾ بيهر درخواست ڏيڻ جي لاءِ تياري جو عمل شروع ڪري ڇڏيو آهي. ڪروشين پرڏيهي وزير چيو ته جي ايس پي پلس پاڪستان جي عالمي معيشت ۾ انضمام جي لاءِ هڪ محرڪ جو ڪردار ادا ڪري رهي آهي هن پاڪستاني ڪمپنين کي ڪروشيا ۾ سيڙپڪاري جي دعوت ڏيندي چيو ته بهترين جاگرافيائي بيهڪ جي ڪري ڪروشيا هڪ توانائي مرڪز بڻجي چڪو آهي ۽ يورپي منڊي جي لاءِ هڪ ڪليدي دروازو آهي هن پاڪستان ۾ ڪروشين ڪمپنين جي ڊگهي موجودگي جو ذڪر ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته دواسازي، صحت، آءِ ٽي ۽ سياحت جي شعبن ۾ مارڪيٽ ۾ وڌيڪ توسيع ٿيندي هن چيو ته 9 اسٽريٽجڪ هوائي اڏن ۽ 6 وڏين سامونڊي بندرگاهن سان ڪروشيا عالمي سفر ۽ واپار جي لاءِ هڪ گيٽ وي پڻ بڻجي سگهي ٿو هن چيو ته وچ يورپ سان ڪروشيا جا ريلوي رابطا مضبوط چرپر، توانائي ۽ ڊيجيٽل رابطي جي نيٽ ورڪس کي فروغ ڏين ٿا ٻنهي ملڪن اهم عالمي معاملن تي مضبوط هم آهنگي جو اظهار ڪندي گهڻ رخي نظام، گڏيل قومن جي چارٽر ۽ تڪرارن جي پرامن حل جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ڪروشين پرڏيهي وزير گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ پاڪستان جي فعال ڪردار جي آجيان ڪئي ۽ تازي سفارتي ڪوشش کي ساراهيو هن چيو ته اسان خاص طور تي پاڪستان جي انهن سفارتي ڪوشش کي ساراهيون ٿا جن جي نتيجي ۾ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ تڪرار جي خاتمي جي لاءِ اسلام آباد مفاهمتي يادداشت سامهون آئي اسلام آباد کي "امن ۽ سفارتڪاري جو شهر" قرار ڏيندي ڪروشين پرڏيهي وزير نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار جو شاندار استقبال ۽ مهمان نوازي تي ٿورو ادا ڪيو هن اميد ظاهر ڪئي ته سندس دورو ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ واپار ۽ سيڙپڪاري وڌائڻ ۽ تعاون جا نوان رستا ڳولڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو ڪروشين پرڏيهي وزير نائب وزيراعظم سينيٽر محمد اسحاق ڊار کي ايندڙ سال جون جي پڇاڙي تي ڪروشيا ۾ منعقد ٿيندڙ ڊبروونڪ فورم ۾ شرڪت جي سرڪاري دعوت پڻ ڏني

بقايا 9 روزاني عبرت

عدالت هدايت ڪئي آهي ته هائي ڪيس جي جاچ گهٽ ۾ گهٽ ڊي ايس پي (DSP) رينڪ جي سينيئر آفيسر حوالي ڪئي وڃي، جيئن واقعي جي سمورن پهلوئن جي غيرجانبدار جامع ۽ مؤثر جاچ ٿي سگهي. عدالت پنهنجي تفصيلي لکت واري حڪم ۾ قرار ڏنو ته جاچ آفيسر واقعي جي سمورن اهم پهلوئن جي مؤثر جاچ ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو جڏهن ته لاڳاپيل ادارن جي ممڪن ڊوهاري غفلت بابت به مناسب جاچ نه ڪئي وئي عدالت چيو ته 70 کان وڌيڪ قيمتي انساني جانيون ڪنهن قدرتي آفت سبب ضايع نه ٿيون پر امڪاني ڏوهاري غفلت جي نتيجي ۾ فوت ٿيون تنهن ڪري ذميوارن جو تعين ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. عدالت وڌيڪ چيو ته جاچ دوران اهو به طئي نه ڪيو ويو ته گل پلازه ۾ حفاظتي انتظامن ۽ تعميراتي ضابطن جي کهڙي کهڙي ڀڃڪڙي ٿي هئي ۽ انهن جو ذميوار ڪير هو حڪم نامي ۾ چيو ويو ته جاچ آفيسر کان جڏهن ڪمشنر جي رپورٽ بابت پڇيو ويو ته هن انڪار ڪيو ۽ حيرت انگيز طور اها رپورٽ پوليس فائيل جو حصو نڪتي عدالت پنهنجي حڪم ۾ چيو ته سرڪاري وڪيل به عدالت کي آگاهه ڪيو ته پوليس جي چالان جي اسڪروٽني دوران ان ۾ سنگين خاميون ظاهر ٿيون هيون پراسيڪيوشن ٻن ڀيرا چالان واپس موٽايو ۽ جاچ آفيسر ان باوجود خاميون دور نه ڪيون عدالت واضح ڪيو ته اها پوليس جي جاچ کي بنا ڪنهن جائزي جي قبول ڪرڻ جي پابند ناهي عدالت وڌيڪ حڪم ڏنو ته نئين جاچ دوران گل پلازه جو منظور ٿيل نقشو عمارت جي ريگيولرائيزيشن جو مڪمل رڪارڊ حاصل ڪيو وڃي ۽ موجوده عمارت جو اصل منظور ٿيل نقشي سان تقابلي جائزو ورتو وڃي. ان سان گڏ اهو پڻ جاچيو وڃي ته عمارت ۾ منظور ٿيل 1102 دڪان آخر 1153 دڪانن ۾ ڪيئن تبديل ٿيا ۽ ان لاءِ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (SBCA)جي ڪهڙن آفيسرن ذميواري نڀائي يا غفلت ڪئي حڪم نامي ۾ وڌيڪ چيو ويو ته سول ڊفينس کان فائر سيفٽي انسپيڪشن جو مڪمل رڪارڊ حاصل ڪيو وڃي، جڏهن ته مارڪيٽ ڪميٽي سول ڊفينس، ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (KMC)۽ ضلعي انتظاميا کان فائر آڊٽ ۽ انسپيڪشن رپورٽون به ورتيون وڃن عدالت ٽريفڪ پوليس جي ڪردار جو به تفصيلي جائزو وٺڻ جي هدايت ڪئي آهي عدالت جي حڪم کان پوءِ هائي پوليس جي اعليٰ اختيارين کي نئين جاچ ٽيم جوڙي ڊي ايس پي رينڪ جي آفيسر جي نگراني ۾ بيهر جاچ شروع ڪرڻي پوندي، جڏهن ته معاشر ڌرين اميد ظاهر ڪئي آهي ته نئين جاچ سان سانحي جا اصل ذميوار سامهون ايندا ۽ انهن خلاف قانون موجب ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي

بقايا 10 روزاني عبرت

اهڙو اعلان پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو پنهنجي جاري ڪيل پارٽي پاليسي بيان ۾ ڪيو آهي.هن چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي پنهنجي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي نعري تحت آچر 12 جولاءِ تي سنڌ جي سمورن ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ "مرسون مرسون سنڌو نه ڏيسون" احتجاجي ريليون ڪڍندي ان سلسلي ۾ پارٽي جون سموريون ضلعي تنظيمون پنهنجي پنهنجي ضلعن ۾ پاڻي تي ڌاڙي خلاف ڀرپور احتجاجي ريليون ڪڍن ۽ انهن ۾ عوام جي وڏي شرڪت کي يقيني بڻائين هن چيو ته پاڪستان لاءِ سنڌو درياهه ۽ پاڻي اسان جي بقا ۽ زندگي آهي. جنهن جو ڳلو ڪنهن به صورت ۾ دٻائڻ نه ڏنو ويندو.نثار کهڙو چيو ته ڀارت پاران سنڌ طاس معاهدي کي هڪ طرف معطل رکڻ بين الاقوامي معاهدي جي کلي ڀڃڪڙي آهي جڏهن ته ڀارت سنڌ طاس معاهدي کي هڪ طرفي طور ختم يا معطل نٿو ڪري سگهي چاڪاڻ ته هن معاهدي جو مقصد پاڻي جي منصفاڻي ورڇ ۽ پاڻي تڪرارن کان بچاءُ آهي هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ 19 سيپٽمبر 1960ع تي ڪراچي ۾ سنڌ طاس معاهدو ٿيو جنهن ۾ عالمي بئنڪ ثالث ۽ ضامن جو ڪردار ادا ڪيو ان معاهدي تي پاڪستان جي ان وقت جي صدر ايوب خان ۽ ڀارت جي وزيراعظم جواهر لال نهرو صحيون ڪيون معاهدي تحت پاڪستان کي سنڌ، جهلم ۽ چناب درياهه مليا جڏهن ته ڀارت کي راوي، بياس ۽ ستلج درياهه ڏنا ويا. پاڪستان کي اولهه وارن درياهن جي پاڻي جي مڪمل استعمال جو حق ڏنو ويو ۽ ٻنهي ملڪن جي انڊس ڪمشنرن تي مستقل انڊس ڪميشن قائم ڪئي وئي ۽ اختلافن جي صورت ۾ پهرين ڪميشن ۽ پوءِ ثالثي عدالت سان رجوع ڪري سگهجي ٿو تنهن ڪري ڀارت پاران سنڌ طاس معاهدي جي هڪ طرفي معطلي کي ثالثي عدالت پڻ غيرقانوني قرار ڏنو آهي هن چيو ته ڀارت پاران پاڻي کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي ڪوشش خطي جي امن لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿي جڏهن ته سنڌو درياهه سان لکين ماڻهن جي گذر سفر ۽ زندگي وابسته آهي ان لاءِ ڪنهن جي به درياهه کي گهٽو ڏئي ماڻهن کان زندگي کسڻ جي ڪوشش ڪنهن به صورت ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏني ويندي.نثار کهڙو چيو ته درياهن جي قدرتي وهڪري ۽ پاڻي جي منصفاڻي استعمال جي اصولن کي تسليم ڪيو وڃي چاڪاڻ ته پاڪستان کي پاڻي ڪنهن جي احسان طور نه پر هڪ بين الاقوامي معاهدي تحت مليو آهي ۽ ڀارت پاران اسان جو پاڻي روڪڻ اسان جي وجود لاءِ خطرو آهي پيپلز پارٽي سنڌو درياهه جو گهٽو ڏيڻ نه ڏيندي هن چيو ته سنڌو درياءُ ۽ پنهنجي پاڻي جي تحفظ لاءِ هر فورم تي آواز اٿاريو ويندو ۽ سنڌو درياءَ جي پاڻي تي ڪنهن کي به ڌاڙو هڻڻ نه ڏنو ويندو.هن وڌيڪ چيو ته 1991ع واري پاڻي معاهدي تحت صوبن وچ ۾ پاڻي جي شفاف ۽ منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻايو وڃي جڏهن ته چشمه جهلم لنڪ ڪينال ۽ ٽي پي لنڪ ڪينال فلڊ ڪينال آهن تنهن ڪري انهن ڪينالن ۾ پاڻي جو مسلسل وهڪرو بند ڪيو وڃي.

بقايا 11 روزاني عبرت

ڪارپوريشن (ڪي ڊبليو ايس سي) لاءِ قائم ڪيل سنڌ جي پهرين ڪابينا منظور ٿيل خصوصي پوليس اسٽيشن جو افتتاح ڪري ڇڏيو جيڪا شهر ۾ پاڻي چوري جي روڪٿام ۽ ان سان لاڳاپيل ڪيسن جي جاچ لاءِ مخصوص هوندي افتتاحي تقريب ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي هيڊ آفيس ڪارساز ۾ منعقد ٿي جتي ميئر ڪراچي باضابطه طور تي پوليس اسٽيشن کي فعال ڪيو هي پوليس اسٽيشن پاڻي چوري جي ڪيسن جي آزادانه جاچ، قانوني ڪارروائي ۽ شهر جي پاڻي فراهمي واري نظام جي تحفظ کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي ان موقعي تي ڪي ڊبليو ايس سي جي مينيجنگ ڊائريڪٽر احمد علي صديقي ميئر ڪراچي کي نئين قائم ڪيل سهولت بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته پوليس اسٽيشن لڳ ڀڳ 12 هزار 500 چورس فوٽ ايراضي تي تعمير ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ 4 هزار 500 چورس فوٽ تي مشتمل ڍڪيل عمارت ۽ 8 هزار چورس فوٽ پارڪنگ ايريو شامل آهي پوليس اسٽيشن ۾ جديد آفيس سهولتون جاچ لاءِ مخصوص ڪمرا، ريسيپشن ايريا، پوليس موبائل لاڪ اپ ۽ مؤثر قانون لاڳو ڪرڻ لاءِ گهربل سموريون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب هن قدم کي بلدياتي حڪمراني ۾ هڪ تاريخي سنگ ميل قرار ڏيندي چيو ته ٽن ڪروڙ کان وڌيڪ آبادي واري عظيم شهر ڪراچي کي اهڙن بااختيار شهري ادارن جي ضرورت آهي جيڪي عوامي مسئلن کي خودمختياري ۽ مؤثر انداز ۾ حل ڪري سگهن هن چيو ته خصوصي ڪي ڊبليو ايس سي پوليس اسٽيشن جو قيام حڪومت سنڌ جي ادارتي سڌارن ۽ عوامي خدمتن جي بهتر فراهمي واري عزم جو ثبوت آهي ميئر ڪراچي چيو ته اسان جديد حڪمراني واري ماڊل ڏانهن وڌي رهيا آهيون جتي بلدياتي ادارن کي پنهنجون ذميواريون نڀائڻ لاءِ غير ضروري انحصار کان آزاد ڪيو پيو وڃي شهرين جو حق آهي ته پاڻي چوري جهڙي سنگين مسئلي خلاف بروقت ڪارروائي ڪئي وڃي، جيڪو ڪراچي ۾ پاڻي جي منصفاڻي فراهمي جي راهه ۾ هڪ وڏو چئلينج رهيو آهي هن هن منصوبي جي منظوري عملي شڪل اختيار ڪرڻ ۾ مڪمل سهڪار تي وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ حڪومت سنڌ جا ٿورا مڃيا بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪي ڊبليو ايس سي اڳ ئي پاڻي چوري خلاف پنهنجي ڪارروائين ۾ تيزي آندي آهي جڏهن ته هي خصوصي پوليس اسٽيشن ڪيسن جي فوري داخلا تيز جاچ ۽ غيرقانوني ڪنيڪشنن ۽ پاڻي چوري ۾ ملوث عنصرن خلاف مؤثر قانوني ڪارروائي کي وڌيڪ مضبوط بڻائيندي هن وڌيڪ اعلان ڪيو ته ڪي ڊبليو ايس سي هڪ خصوصي عوامي شڪايت هيلپ لائن قائم ڪرڻ تي به ڪم ڪري رهي آهي، جنهن ذريعي شهري پاڻي چوري ۽ غيرقانوني هائيڊرنٽن بابت اطلاع ڏئي سگهندا ۽ انهن شڪايتن تي فوري ڪارروائي ممڪن بڻائي ويندي ميئر ڪراچي چيو ته ڪراچي کي ڊگهي عرصي کان اهڙن ادارتي سڌارن جي ضرورت هئي ۽ اسان هر شهري جي صاف پاڻي جي بنيادي حق جي تحفظ لاءِ سخت نگراني، مؤثر نفاذ ۽ وڌيڪ احتساب کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهيون هن وڌيڪ چيو ته هو آءِ جي پوليس سنڌ کي درخواست ڪندو ته ڪي ڊبليو ايس سي پوليس اسٽيشن جي آپريشنل صلاحيت وڌائڻ لاءِ وڌيڪ پوليس اهلڪار فراهم ڪيا وڃن هن چيو ته وڌندڙ ضرورتن کي نظر ۾ رکندي مستقبل ۾ هن خصوصي پوليسنگ ماڊل کي ضلعي سطح

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

ڀيهر شروع ٿيل امريڪا- ايران ڇڪتاڻ، دنيا کي ڪٿي
صفحو 4

محمود شاهر
شهيد جو موت، قوم جو جياپو
صفحو 4

سوشل ميڊيا جي دنيا ۽ اڪيلائپ جو عذاب!
مسعود احمد خاصخيلي
صفحو 4

مختيار اُنڙ
اڄوڪو ڏينهن .... 10 جولاءِ
صفحو 4

چوهڙ جمالي ۾ ڳوٺ رحيمون جمالي تي پوليس اٽالن جي چڙهائي خلاف رهواسين جو احتجاج

پوليس اٽالن جي چڙهائي دوران ست سالا نينگر ۽ ٻين کي کڻي گم ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

ڳوٺ تي چڙهائي ڪري بلاجواز اسان جي 6 نوجوانن کي کڻي ڪٽي ۾ لائسنس وارا هٿيار ٻه کڻي ويٺي آهي: مظاهرين

جيڪڏهن اسان جا همراهه ڪنهن ڏوهاري سرگرمي ۾ ملوث آهن ته انهن کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج وسيع ڪيو ويندو


چوهڙ جمالي چوهڙ جمالي ڳوٺاڻا پوليس چڙهائي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

چوهڙ جمالي(ن ع) چوهڙ جمالي جي ڳوٺ رحيمون جمالي جي رهواسين محمدعمر جمالي ڪارو جمالي، انور جمالي، ناٿا جمالي، مجيد جمالي حسين جمالي ۽ ٻين پاران ڳوٺ رحيمون جمالي تي پوليس اٽالن جي چڙهائي دوران ست سالا نينگر قادر جمالي سميت ولي محمد جمالي، هاشم جمالي، مقبول جمالي، ممتاز جمالي، عبدالغني جمالي کي کڻي گم ڪرڻ خلاف چوهڙ جمالي پريس ڪلب پهچي پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪيو ان موقعي تي ڳوٺاڻن چيو ته گذريل رات دير سان سجاول پوليس جي اٽالن اسان جي ڳوٺ تي چڙهائي ڪري بلاجواز اسان جي 6 نوجوانن کي کڻي ڪٽي ۾ لائسنس وارا هٿيار به کڻي ويٺي آهي هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته جيڪڏهن اسان جا همراهه ڪنهن ڏوهاري سرگرمي ۾ ملوث آهن ته انهن کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ پوليس جي اهڙي عمل خلاف سخت احتجاج ڪيو ويندو هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي سجاول کان پرزور مطالبو ڪيو ته بيگناهه کنيا گم ڪيل اسان جي نوجوانن کي آزاد ڪيو وڃي

مٺي شهر جي رهواسڻ مومل زال هيرو ميگهواڙ جو احتجاج

مڪان پيڙهو ۾ سروي نمبر 78، 83، 80 اباڻي زمين آهي: مومل

اسان جو اڳ تڪرار هلندڙ آهي جنهن تي عدل بجير حملو ڪيو

مٺي (ڊ-ر) مٺي شهر جي رهواسڻ مومل زال هيرو ميگهواڙ پريس ڪلب مٺي تي احتجاج ڪندي چيو آهي ته اسان جي مائيداڻي زمين آهي جيڪا مڪان پيڙهو ۾ سروي نمبر 78، 83، 80 آهي جنهن تي اسان جو اڳ تڪرار هلندڙ آهي جنهن تي عدل بجير حملو ڪيو ۽ اساڪي ڌمڪيون ڏنيون ۽ اسان کي ڌڪا ڏئي ٻني مان ٻاهر ڪڍيو، اڱون منهنجون نياڻيون ٽريڪٽر اڏو سمهي پياسين ته هنن اسان کي چيو ته ٻني اسان کي اٿيو جيڪو حصيدار آهي انهي وڪرو ڪري ڏني آهي توکي ٻارهن لک ڏيون ٿا ۽ فيصلو ڪيون ٿا پر هاڻي هو اسان جي ڳالهه ٻڌڻ جي لاءِ تيار ناهن اساڻ مطالبو ڪريون ٿا ته لاڳاپيل اختياريون نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪن.


مٺي معذر ميگهواڙ خاندان پنهنجي ٻني تي قبضي خلاف دانهيندي.

مٽياري ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي براءِ نظرثاني ٿيل قومي ايڪشن پلان جو اجلاس

سمورن لاڳاپيل ادارن وچ ۾ مضبوط هم آهنگي کي يقيني بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي: محمد يوسف شيخ

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي 283هين ساليانو عرس مبارڪ دوران به سمورا ادارا مڪمل هم آهنگي سان ڪم ڪن

جيڪڏهن ڪنهن قسم جو اختيار يا مسئلو درپيش هجي ته اهو فوري طور ضلعي انتظاميا سان رابطو ڪري: اجلاس ۾ اظهار


مٽياري ڊي سي محمد يوسف شيخ ڳالهائي جي صدارت ڪندي

مٽياري (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ چيو آهي ته ضلعي ۾ امن امان جي برقرار رکڻ نظرثاني ٿيل قومي ايڪشن پلان (NAP)تي مڪمل عملدرآمد ۽ سمورن لاڳاپيل ادارن وچ ۾ مضبوط هم آهنگي کي يقيني بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هن چيو ته محرم الحرام دوران ضلعي ۾ امن مذهبي هم آهنگي ۽ پائيداري جي فضا برقرار رهي جنهن تي هن ايس ايس پي مٽياري، پاڪ فوج، پاڪستان رينجرز اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ ٻين سمورن لاڳاپيل ادارن جي تعريف ڪئي جن جي گڏيل ڪوشش سان محرم جا ڏهاڙا پرامن نموني سان گذاريا. هن اهي ڳالهيون ڊپٽي ڪمشنر سيڪريٽريٽ مٽياري جي لطيف هال ۾ منعقد ٿيل ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي براءِ نظرثاني ٿيل قومي ايڪشن پلان (NAP)جي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيون ڊپٽي ڪمشنر چيو ته جيئن محرم الحرام جا ڏينهن ڪاميابي سان گذريا، اهڙي ئي ريت حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي 283هين ساليانو عرس مبارڪ دوران به سمورا ادارا مڪمل هم آهنگي سان پنهنجون ذميواريون نڀائين ته جيئن زائرين کي پرامن ۽ محفوظ ماحول فراهم ڪري سگهجي هن زور ڀريو ته ڪنهن به اداري کي جيڪڏهن ڪنهن قسم جو اختيار يا مسئلو درپيش هجي ته اهو فوري طور ضلعي انتظاميا سان رابطو ڪري، جيئن بروقت فيصلا ڪري مسئلن کي حل ڪري سگهجي اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ايس ايس پي مٽياري عبدالعليم بلو چيو ته محرم الحرام دوران سڀني ادارن گڏيل سهڪار سان پنهنجون ذميواريون بهتر نموني نڀايون ۽ جتي به ڪو مسئلو سامهون آيو ان کي گڏيل حڪمت عملي سان فوري طور حل ڪيو ويو هن چيو ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جو عرس ضلعي جو وڏو اجتماع آهي جنهن لاءِ جامع سيڪيورٽي پلان تيار ڪيو ويو آهي هن ٻڌايو ته لڳ ڀڳ 3,700 پوليس اهلڪار سيڪيورٽي ۽ پيٽرولنگ جا فرض سرانجام ڏيندا جڏهن ته ڀٽ شاهه ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ مسلسل گشت، نگراني ۽ سيڪيورٽي جو جائزو وٺي هر ممڪن بهتري آندي ويندي ڊپٽي ڪمشنر سماجي ڀلائي کاتي کي هدايت ڪئي ته عرس دوران ڀيک ۽ پينو فقيرن خاص طور تي عورتن جي پنڻ خلاف سخت ڪريڪ ڊائون ڪيو وڃي هن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي اينٽي انڪروچمينٽ آپريشن تيزي سان جاري رکڻ عوامي رستن ۽ عرس واري علائقي مان سمورين غيرقانوني قبضا ختم ڪرائڻ جون هدايتون پڻ ڏنيون هن فوڊ کاتي کي هدايت ڪئي ته ذخيره اندوزي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ خوراڪ جي شين جي دستيابي معيار ۽ سرڪاري اگهن تي مڪمل عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي ڊپٽي ڪمشنر ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن کاتي کي هدايت ڪئي ته 28 جولاءِ کان 1 آگسٽ تائين غيرقانوني سگريٽن جي وڪري ۽ اسمگلنگ خلاف خصوصي مهم هلائي وڃي جڏهن ته ايل پي جي (LPG)گئس جي مقرر ڪيل اگهن تي عملدرآمد ڪرائڻ لاءِ به سخت ڪريڪ ڊائون ڪيو وڃي جيئن ڪنهن به واپاري کي ناجائز منافعي خوري جي اجازت نه ملي اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر سمورن ادارن کي هدايت ڪئي ته هو مڪمل ذميواري، گڏيل سهڪار ۽ هم آهنگي سان پنهنجا فرض سرانجام ڏين ته جيئن ضلعي ۾ امن امان برقرار رهي ۽ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جو ساليانو عرس شايان شان ۽ پرامن نموني سان منعقد ٿي سگهي اجلاس ۾ ضلعي مٽياري جي سمورن لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن ۽ عملدارن شرڪت ڪئي

ماتلي ۾ اين ٽي ايس ٽيسٽ پاس اميدوارن جو احتجاج

اميدوارن پاران ڪين آفر آرڊر نه ملڻ خلاف ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

2013 ۾ 60 نمبرن سان اين ٽي ايس امتحان پاس ڪيو پر آرڊر نه ڏنا ويا: مظاهرين

ماتلي (ن ع) 2013 ۾ اين ٽي ايس جو امتحان پاس ڪندڙ اميدوارن پاران ڪين آفر آرڊر نه ملڻ خلاف ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين عابد لغاري، عبد الله، نبي بخش طفيل ... ته هنن 2013 ۾ 60 نمبرن سان اين ٽي ايس امتحان پاس ڪيو آهي پر اڄان تائين ڪين آفر آرڊر نه مليا آهن مظاهرين پاران ڪين آفر آرڊر جاري ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو


ماتلي اين ٽي ايس پاس اميدوار احتجاج ڪندي

منگهوپير ٽائون جي چيئرمين پاران عمر مينگل ڳوٺ جو دورو، ترقياتي منصوبن جو جائزو ورتو

چيئرمين پاران منصوبن جي رفتار ۽ تعميراتي معيار کي پرکڻ لاءِ سمورن فني (ٽيڪنيڪل) پهلوئن جو جائزو



... دوري دوران چيئرمين منصوبن جي رفتار ۽ تعميراتي معيار کي پرکڻ لاءِ سمورن فني (ٽيڪنيڪل) پهلوئن جو تفصيلي جائزو ورتو دوري دوران چيئرمين حاجي نواز علي بروهي اي ڊي اي افاق عالم ۽ سب انجنيئر جنيد صديقي کي خاص هدايتون جاري ڪندي چيو ته عوامي ڀلائي جي منصوبن ۾ شفافيت ۽ اعليٰ معيار کي هر حال ۾ يقيني بڻايو وڃي. هن واضح ڪيو ته عمر مينگل ڳوٺ جي عوام ڏکهي عرصي ... جينڊر ميمبر سجاد حسين ۽ شڪور مينگل پڻ چيئرمين سان گڏ هئا. اختياريُن چيئرمين کي نيڪال جي نظام جي فني بارڪين، تعميراتي مرحلن ۽ پائيداري بابت تفصيلي بريفنگ ڏني چيئرمين منصوبي جي بارڪين جو جائزو وٺندي چيو ته "منگهوپير جي هر گهٽي کي ترقي يافته بنائڻ ۽ شهرين کي جديد سهولتون سندن در تي مهيا ڪرڻ اسان جو عزم آهي اسان عوامي ٽيڪسن جي هڪ هڪ پائي جو ... تڪميل تائين مانيٽرنگ جو عمل جاري رکندو ته جيئن شهرين کي بغير ڪنهن رڪاوٽ جي پائيدار سهولتون ملي سگهن هن چيو ته سنڌس سياست جو محور صرف ۽ صرف عوامي خدمت آهي ۽ هو پنهنجن شهرين جي زندگيءَ جي معيار کي بلند ڪرڻ لاءِ ڪنهن به قربانيءَ کان نه ڪيٻائيندو

پگهار ۽ پينشن جاري ڪريو: حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

ذاڪر الله، محمد نديم، شاهد خان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو، نعريبازي

18مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن: مظاهرين

ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سمورون مراعتون وٺي رهيا آهن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله، محمد نديم شاهد خان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو ته 18مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سمورون مراعتون وٺي رهيا آهن پر ٻئي ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وزير بلديات کي اپيل ڪئي ته ساميري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

سافڪو اسٽيٽ لائيف ۽ ٽي پي ايل جو صحتي انشورنس ۽ بچت جي سهولتن لاءِ سهڪار تي اتفاق

گهٽ آمدني وارن خاندانن لاءِ گهٽ خرچ وارين ۽ آسانيءَ سان ملندڙ سهولتون تيار ڪرڻ جو فيصلو

انشورنس ۽ بچت جون سهولتون گهٽ آمدني وارن خاندانن کي معاشي ڌڪن کان بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون: سليمان جي ابڙو

حيدرآباد(پ ر) سافڪو پاران گهٽ آمدنيءَ وارن خاندانن جي مالياتي تحفظ لاءِ اسٽيٽ لائيف انشورنس ۽ ٽي پي ايل انشورنس سان گڏ صحتي انشورنس ۽ بچت جون خدمتون تيار ڪرڻ لاءِ ٽيڪنيڪل سهڪار ... سافڪو پنهنجي پيل طبقن تائين سستيون ۽ ڪارائتيون سهولتون پهچائڻ لاءِ پنهنجن ڀائيوارن سان گڏجي ڪم جاري رکندي سافڪو مائڪروفنانس ڪمپني جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سيد سجاد علي شاهه ...

جرمن اسٽار ٽينس رانديگر اليگزينڊر زوريف پهريون ڀيروسيمي فائنل ۾ پهچي ويو

لنڊن (اي پي پي) جرمن اسٽار ٽينس رانديگر اليگزينڊر زوريف ۽ برطانوي ٽينس رانديگر آرٿري فيري پنهنجي اڳڀرائي جاري رکندي ومبلڊن اوپن ٽينس ۾ مردن جي ...

پ پ ايم پي اي ۽ ڊي سي پاران گورنمينٽ اسپيشل اسڪول پير ذاڪري جو دورو

ريجنل ڊائريڪٽر نثار احمد بروهي اسڪول بابت غلام قادر چانڊيو کي مڪمل بريفنگ ڏني

اسڪول ۾ اسپيشل (معذور ٻارن) جي سهولت لاءِ لفٽ لڳائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي: غلام قادر چانڊيو

سڪرنڊ (ن ع) ايم پي اي غلام قادر چانڊيو ۽ ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي گورنمينٽ اسپيشل اسڪول پير ذاڪري سڪرنڊ جو دورو ڪيو جتي هنن مختلف ڪلاسن ۽ شعبن جو معائنو ڪيو ان دوران ريجنل ڊائريڪٽر نثار احمد بروهي ۽ اسڪول جي وائيس پرنسپال غلام مجتبيٰ کوسو کين اسڪول بابت مڪمل بريفنگ ڏني معائني وقت اسسٽنٽ ڪمشنر رميز راجا سڪرنڊ پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح ۽ همدرد سپورٽ پروگرام جو چيئرمين قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا جنهن بعد ايم پي اي غلام قادر چانڊيو ۽ ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي پريس ڪانفرنس ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته اڄ جي دوري جو مقصد اسڪول ۾ اسپيشل (معذور ٻارن) جي سهولت لاءِ لفٽ لڳائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي جنهن جي لوڪيشن ڏسڻ لاءِ جڳهه طئي ڪرڻي هئي ان لاءِ صلاح مشورا ڪرڻ بعد جڳهه جو طئي ڪيو ويو آهن هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ هن اسڪول جو شمار بهترين اسڪولن ۾ ٿئي ٿو جنهن جو اسٽاف ۽ استاد معذور ٻارن جي پنهنجي اولاد جيان تعليم ۽ تربيت ڪري رهيو آهي ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي چيو ته هي اسڪول ايم پي اي غلام قادر چانڊيو جن جي محنت ۽ دلچسپيءَ جو نتيجو آهي جنهن تي ايم پي اي غلام قادر چانڊيو ڳالهائيندي چيو ته ان شاءَ الله جلد لفٽ لڳي ويندي جنهن جو افتتاح ڪوشش ڪنداسين ته وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ڪري ان موقعي تي استاد نظيراحمد چانڊيو ۽ ممتاز چانڊيو آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو تقريب ۾ محمد سليم ڪيريو، امام الدين ڪيريو، عبدالستار مگسي، محمد علي ڏيٿو، احمد علي ڀٽي، مس حميده، مس نسيم ناز، آصف علي، نثار احمد ملاح، دلبر حسين پڻ موجود هئا پروگرام دوران ميزبانن پاران مهمانن کي سنڌ جي روايت موجب اجرڪون پارايون ويون.



سڪرنڊ پ پ ايم پي اي ۽ ڊي سي پاران گورنمينٽ اسپيشل اسڪول پير ذاڪري جي

ٽنڊوالهيار ۾ حضرت امام حسين عليه السلام جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ خلاف احتجاج

شيعه علماء ڪائونسل ضلعي صدر حاجي فرحان پتافي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو، نعريبازي

گستاخي ڪندڙ خيرپور ميرس جي رهواسي ثناءُ الله سومري کي فوري طور گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي: اڳواڻ

وڃي ڪجهه نام نهاد ماٺهو سنڌ جي امن ۽ ڀائيچاري واري ماحول کي خراب ڪرڻ چاهين ٿا، گستاخ کي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ شيعه علماء ڪائونسل طرفان حضرت امام حسين عليه السلام جي شان ۾ گستاخي خلاف ۽ ڪجهه ضلعن ۾ عزادارن بابت انتظاميه جي غيرجانبدارانه فيصلن خلاف ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي بيٺل هئا جن تي گستاخي ڪندڙن کي گرفتار ڪرڻ جا نعرا لکيل هئا ان موقعي تي شيعه علماء ڪائونسل ضلعي صدر حاجي فرحان پتافي ضلعي جنرل سيڪريٽري ضمير حسين خاصخيلي علمدار حسين حيدري ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته عالم انسانيت جي عظيم رهبر حضرت امام حسين عليه السلام جي شان ۾ گستاخي ڪندڙ خيرپور ميرس جي رهواسي ثناءُ الله سومري کي فوري طور گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي هنن چيو ته اڄ جو احتجاج عالم انسانيت جي عظيم رهبر حضرت امام حسين عليه السلام جي شان ۾ گستاخي خلاف آهي سنڌ جي پرامن ماحول کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ڪجهه نام نهاد ماڻهو سنڌ جي امن ۽ ڀائيچاري واري ماحول کي خراب ڪرڻ چاهين ٿا هنن خيرپور ميرس جي انتظاميه کان مطالبو ڪيو ته اهڙن شرپسند عنصرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي هنن وڌيڪ چيو ته اسين ڪنهن به صورت ۾ حضرت امام حسين عليه السلام جي شان ۾ گستاخي برداشت نه ڪنداسين ثناءُ الله سومري کي فوري طور گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

سڪرنڊ شهر ۾ پبلڪ پارڪ جو تعميراتي جو ڪم تيزيءَ سان جاري

ڊپٽي ڪمشنر اي سي ۽ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو پاران ڪم جو دورو

تعليمي شعور ڦهلائڻ لاءِ پبلڪ لائبريري پڻ قائم ڪري رهيا آهيون: ايم پي اي

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ سرڪار پاران عوام کي تفريحي سهولتون مهيا ڪرڻ واري پروگرام تحت ايم پي اي غلام چانڊيو پاران سڪرنڊ جي شهرين کي سرڪار پاران پبلڪ پارڪ جو تحفو وٺي ڏنو جنهن جي تعميرات جو ڪم تيزيءَ سان جاري آهي تعميراتي ڪمن جي معائني ڪرڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي لاڳاپيل انجنيئرن اسسٽنٽ ڪمشنر رميز راجا ۽ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو پارڪ جو دورو ڪيو جتي ايم پي اي کين پراجيڪٽ بابت بريف ڪندي ٻڌايو ته پبلڪ پارڪ ۾ شهرين لاءِ تفريحي جهولن ... ملندو جنهن تي ڊي سي عبدالصمد نظاماڻي پراجيڪٽ جي ساراهه ڪئي ۽ تعميراتي ڪم کي جلد مڪمل ڪرڻ جون پڻ هدايتون جاري ڪيون پبلڪ پارڪ جيڪو سڪرنڊ کان ڏيڍ ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي ڳوٺ نهال لاشاري پرسان آهي ان ڳوٺ جي نيڪ مردن اصغر علي لاشاري ۽ نياز لاشاري سنڌ سرڪار پاران خاص طور غلام قادر چانڊيو جو شڪريو ادا ڪيو جنهن هڪ بهترين تفريحي منصوبو ڏنو آهي ان موقعي تي هنن آيل مهمانن کي لنگهين جا تحفا پيش ڪيا ان موقعي تي سڪرنڊ پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري ...


سڪرنڊ ڊپٽي ڪمشنر اي سي ۽ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو پارڪ ڪم جو دورو ڪيو پيو وڃي

ڊي سي طارق منظور چانڊيو پاران لاڙڪاڻو-قمبر ٻئي روڊ جي ٻيڙو چانڊيو باءِ پاس جي سائيٽ جو دورو

لاڙڪاڻو(اي پي پي)لاڙڪاڻي جي ڊپٽي ڪمشنر طارق منظور چانڊيو قمبر جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر صوبائي هاءِ وين اسسٽنٽ ڪمشنر لاڙڪاڻو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ لاڙڪاڻو يوسي ٻيڙو چانڊيو جي چيئرمين ۽ ٻين عملدارن سان گڏجي لاڙڪاڻو-قمبر ٻئي روڊ جي ٻيڙو چانڊيو باءِ پاس جي سائيٽ جو دورو ڪيو ايگزيڪيوٽو انجنيئر صوبائي هاءِ ويز قمبر ۽ سنڌس ٽيم ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو کي سائيٽ تي روڊ، پل ۽ ڪلورٽ جي تعمير بابت بريفنگ ڏني ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو اسسٽنٽ ڪمشنر لاڙڪاڻو ۽ يو سي چيئرمين ٻيڙو چانڊيو کي هدايت ڪئي ته منصوبي کي آساني ... سائيٽ تي روڊ، پلن ۽ ڪلورٽ جي ڪم جي عمل کي تيز ڪيو وڃي، خاص طور تي پوکي لاءِ زمينن ۾ پاڻي جي وهڪري لاءِ پل ۽ ٻئي روڊ کي لاڙڪاڻو ضلعي جي حدن سان لاڳاپيل حصو مڪمل ڪيو وڃي


حيدرآباد عالمي بئنڪ جي اداري آءِ ايف سي ۽ بنگلاديش جي ايم ارا اي جو وفد سافڪو انتظاميا سان گڏجاڻي دوران گروپ فوٽو

سعودي عرب ۽ چين پاران مصنوعي ذهانت ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

هانگ ڪانگ (اي پي پي)سعودي جي مواصلات ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي واري وزير انجنيئر عبدالله السواحه هانگ ڪانگ ۾ ليپ ايسٽ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي دوري دوران چين جي نمائندن سان به طرفيون ملاقاتون ڪيون پرڏيهي ميڊيا موجب انهن ملاقاتن جو مقصد سعودي عرب ۽ هانگ ڪانگ/ چين وچ ۾ فني حصيداري کي مضبوط ڪرڻ ۽ مصنوعي ذهانت، جديد ٽيڪنالاجي ۽ فني جدت جي نظام جي ترقي ۾ شراڪتداري جي شعبن کي وڌائڻ آهي ملاقات ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ مصنوعي ذهانت، جديد ٽيڪنالاجي ۽ فني جدت سازي جي نظام جي ترقي ۾ تعاون جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي انجنيئر عبدالله السواحه هانگ ڪانگ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي پارڪس ڪارپوريشن جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي چيئر پرسن ڪورڊ يليا چينگ سان به ملاقات ڪئي ۽ اسٽارٽ اپ ڪمپنين کي بااختيار بڻائڻ ۽ فني معاملن ۾ قومي صلاحيتن جي رستن کي ترقي ڏيڻ ۾ تعاون جي موقعي تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ملاقات جو مقصد فني جدت کي هٿي ڏيڻ ۽ ڊجيٽل معيشت ۾ معياري شراڪتداري جا نوان رستا ڳولڻ آهي

ايس ايڇ او ٽنڊو آدم کي عهدي کان هٽايو وڃي: زرين چانڊيو

وڏيرو خان مري ۽ ان جا پٽ منهنجي ڌيئرن کي دوستي رکڻ لاءِ تنگ ڪندا رهيا

منهنجي گهر ۾ 25ورهين کان مدرسو هلندو ۽ نياڻين کي ٽيوشن پڙهائي ويندي آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ٽنڊو آدم جي رهواسڻ زرين چانڊيو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پنهنجي ڌيئرن آمنا ۽ مريم سوڍو ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته ايس ايڇ او ٽنڊو آدم کي عهدي کان هٽائي گهرن تي حملو ڪندڙ تذليل جو نشانو بڻائيندڙ وڏيري خان مري ٻين خلاف ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو وڃي هن الزام هڻندي چيو ته وڏيرو خان مري ان جا پٽ ۽ ٻيا اڻ ڏٺل ماڻهو منهنجي ڌيئرن کي دوستي رکڻ لاءِ تنگ ڪندا رهيا جنهن کان انڪار تي اسان مٿان ... وٺندا رهيا آهن 2سال اڳ ته لڪايا ويا هن وقت خان مري ۽ ان پٽن ۽ ماڻهن کي اهڙو چانظر آيو جو هنن اسان مٿان اهڙا هٽ ٺوڪيا الزام لڳايا ويا آهن. هن چيو ته مون ۽ منهنجي ڌيئر تي حملي جو ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ ٽنڊو آدم ٿاڻي تي ويليسين جتي ايس ايڇ او جوابدار ڌر کي پروٽوڪول ڏئي ويهاريو ۽ اسان جو ڪيس داخل نه ڪيو ۽ ٻي ڏينهن تي منهنجي ۽ منهنجي ڌيئرن خلاف فحاشي جو اڏو هلائڻ ڌمڪين جو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو هن چيو ته چاٺايل علائقي ۾ مري برادري جو اثر آهي ...


حيدرآباد ٽنڊو آدم جي رهواسڻ زرين بالتر خلاف احتجاج ڪندي

فرانس ۽ مراڪش وچ ۾ فيفا ورلڊ ڪپ جو پهريون ڪوارٽر فائنل اڄ کيڏيو ويندو

نيويارڪ (اي پي پي) ... فيفا ورلڊ ڪپ جو پهريون ڪوارٽر فائنل فرانس ۽ مراڪش جي ٽيمن وچ ۾ جمعي ڏينهن آمريڪا ۾ کيڏيو ويندو پرڏيهي ميڊيا موجب پري ڪوارٽر فائنل راؤنڊ مڪمل ٿيڻ کانپوءِ دفاعي چيمپيئن ارجنٽائن، سوئٽزرلينڊ، انگلينڊ، ناروي، بيلجيئم، اسپين، مراڪش ۽ فرانس جون ٽيمون ڪوارٽر فائنل راؤنڊ ۾ پهچي چڪيون آهن ورلڊ ڪپ فٽبال ٽورنامينٽ پنهنجي آخري مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو آهي فٽ بال ورلڊ ڪپ آمريڪا، ڪئنيڊا ۽ ميڪسيڪو ۾ سجيل عالمي ميلي ۾ مداحن کي انتهائي دلچسپ ۽ سخت مقابلا ڏسڻ لاءِ ملي رهيا آهن ميگا ايونٽ جو ڪوارٽر فائنل فرانس ۽ مراڪش جي ٽيمن وچ ۾ آمريڪا ۾ کيڏيو ويندو هيو ڪوارٽر فائنل 10 جولاءِ تي اسپين ۽ بيلجيئم جي ٽيمن وچ ۾ کيڏيو ويندو اهو ميچ به آمريڪا جي گرائونڊ تي کيڏي ويندي ٽئين ڪوارٽر فائنل جي ميچ ۾ ناروي ۽ انگلينڊ جون ٽيمون آمهون سامهون ٿينديون اهو ميچ هارڊ راڪ اسٽيڊيم ميامي گارڊن آمريڪا ۾ کيڏي ويندي جڏهن ته ميگا ايونٽ جو چوٿين ۽ آخري ڪوارٽر فائنل ميچ 11 جولاءِ تي دفاعي چيمپيئن ارجنٽائن ۽ سوئٽزرلينڊ جي ٽيمن وچ ۾ ايرو هيڊ اسٽيڊيم ڪينساس سٽي آمريڪا ۾ کيڏي ويندي واضح رهي ته ميگا ايونٽ جي پهرين سيمي فائنل ميچ 14 جولاءِ جڏهن ته ٻي سيمي فائنل جي ميچ 15 ...

ٽنڊوالهيار جي يونين ڪائونسل ڪوڪر ۾ ترقياتي ڪم مڪمل

ترقياتي ڪمن جو جار وڇائڻ تي علائقي واسين ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي

ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر ذوالفقرين ڪوڪر جي ڪاوشن سان ڪم مڪمل ڪيا ويا

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي يونين ڪائونسل ڪوڪر ۾ گذريل ڪيترن ئي عرصي کان پيل ترقياتي ڪمن جو جار وڇائڻ تي علائقي واسين ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي ۽ يونين ڪائونسل ڪوڪر جي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر ذوالفقرين ڪوڪر جي ڪاوشن سان مختلف ننڍن وڏن ڳوٺن ۾ ترقياتي ڪمن جو جار وڇايو ويو جنهن ۾ 25 هزار اسڪوائر فٽ ڪان وڌيڪ سي سي بلاڪ ۽ پيور بلاڪ جو اسڪيمون مڪمل ٿي چڪيون آهن ۽ ست هزار اسڪوائر فٽ ڊرينيج سسٽم جون مختلف اسڪيمون مڪمل ٿي چڪيون ... لاشاري ۽ خان محمد خاصخيلي جهڙا ننڍا وڏا ڳوٺ شامل آهن ان موقعي تي ڳوٺاڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ضلع ڪائونسل ميمبر ذوالفقرين ڪوڪر جي ڪاوشن سان ڪوڪر يونين ڪائونسل جي مختصر فنڊ هجڻ باوجود اسان کي ڳوٺن ۾ تمام بهترين ڪم ڪرائي ڏنا ويا آهن ۽ اڃان به ذوالفقرين ڪوڪر ڪوشش جاري آهي ته وڌ کان وڌ علائقي جي ٻين ڳوٺن ۾ به سهولتون مهيا ڪري سگهون ڳوٺاڻن وڌيڪ چيو ته پيپلزپارٽي جي اعليٰ قيادت کان مطالبو ڪيون ٿا ته ذوالفقرين ڪوڪر جهڙي باصلاحيت نوجوان کي اڳتي آڻجي ...

لطيف آباد 10 نمبر شاهه نجف ڪالوني جي رهواسي جو احتجاج

پلاٽ مامري ۾ ميينا فراڊ ۽ ڌمڪين خلاف مردن ۽ عورتن احتجاج ڪيو

فراڊ ڪندڙ حمزه عرف سونو خلاف ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو وڃي: مظاهرين



حيدرآباد لطيف آباد جا رهواسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

مهراڻ يونيورسٽي انتظاميه جو امن امان جي قيام لاءِ اهم قدم

ڪيمپس ۾ بغير نمبر پليٽ ۽ ڪارن شيشن وارين گاڏين جي داخلا تي پابندي لاڳو

يونيورسٽي جي سمورن ملازمن، شاگردن، مهمانن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين کي هدايتون جاري

ڄامشورو(پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي انتظاميه امن امان جي صورتحال کي مد نظر رکندي يونيورسٽي ڪيمپس ۾ بغير نمبر پليٽ ۽ ڪارن شيشن وارين گاڏين جي داخلا تي فوري طور مڪمل پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي ان سلسلي ۾ رجسٽرار آفيس پاران باقاعده سرڪيولر جاري ڪيو ويو آهي يونيورسٽي جي سمورن ملازمن شاگردن مهمانن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو يونيورسٽي ۾ داخل ٿيندڙ پنهنجي گاڏين تي قانون موجب نمبر پليٽون لڳائين ۽ ڪارن شيشن بابت لاڳو ضابطن تي مڪمل عمل ڪن

بوزدارواڍا پرسان ڳوٺ ٽمڪڙو سيال جي رهواسي جو ڪئنال مان لاش هٿ

بوزدارواڍا(ن ع) بوزدارواڍا پرسان ڳوٺ ٽمڪڙو سيال جو رهواسي 45 ورهين جو مولابخش سيال ولد الاهي بخش سيال جو لاش ميرواهه ڪئنال مان ٿري ميرواهه ٿاڻي جي حد ملان ٻانيڻ پل ميرواهه ڪئنال وٽان هٿ آيو جنهن جي وارثن پهچي لاش جي سڃاڻپ ڪئي ۽ بعد ۾ پوليس لاش ميرواهه ڪئنال مان ڪڍي پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقه اسپتال منتقل ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي جڏهن ته واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيو علائقي ۾ فوتي الاهي بخش سيال کي قتل ڪري لاش واهه ۾ اڇلايو ويو آهي وارثن ميڊيا کي ڪو به مؤقف نه ڏنو

رسول آباد واسڻ جو مڙس سميت ڪوڙڙي ڪبير ۾ احتجاج

پاءُ منهنجي محبوب پٽ کي زال سان ڪارنهن جو الزام هنيو آهي: مومل

الزام ۾ ڪابه سچائي ۽ صداقت ناهي، هروڀرو چوڻي ڏو ته محبوب منهنجو ڪارو آهي

ڪوڙڙي ڪبير(ن ع) رسول آباد واسڻ مسمات مومل سولنگي پنهنجي مڙس راڻو سولنگي کي ساڻ ڪري پريس ڪلب ڪوڙڙي محمد ڪبير ۾ اچي پاءُ شهزور سولنگي جي خلاف دانهيندي چيو ته پاءُ آئيس ۽ شراب جو نشو ڪندڙ آهي پاءُ منهنجي محبوب پٽ کي زال سان ڪارنهن جو الزام هنيو آهي جنهن الزام ۾ ڪابه سچائي ۽ صداقت ناهي پوءِ به اسان شهزور کي صفائي لاءِ فيصلو ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. پر هو ڪنهن جي به ڳالهه نٿو ٻڌي، هروڀرو چوڻي ٿو ته محبوب منهنجو ڪارو آهي. ڪاري جا چار لک ڏيو ورنا توهان جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيندس هن وڌيڪ چيو ته شهزور ٻئي ڏينهن گهر ۾ اچي پيسن لاءِ پسٽل ڏيکاري بيمار نياڻي ۽ اسان کي مارڪٽ ڪري ٿو. اسان شهزور جيئڻ حرام آهي. اسان اين سي هنگورجا ٿاڻي تي داخل ڪرائي پوليس شهزور کي گرفتار به ڪري آئي ٿاڻي ۾ شهزور لکي ڏنو ته سيد معشوق شاهه وٽ فيصلو ڪرائيندس پر اتي ٿيل فيصلي تي عمل نه ڪيائين. هاڻي شهزور ۽ ان جا ساٿاري ساجد سولنگي الطاف سولنگي علي حسن سولنگي ۽ ضمير سولنگي سڀ ويٺل سالاري سولنگي اڱرا نتيجا ڀوڳڻ ۽ قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏين ٿا. هن وڌيڪ چيو ته مان پاءُ کي چيو ته ڀيرين ڪاري ڙال کي ساري پوءِ منهنجي پٽ کي پلي ڪارو ڪري ساري ڇڏ. هن ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين وس وارن اپيل ڪئي ته شهزور ۽ ان جي ساٿارين کي گرفتار ڪري جان جو تحفظ وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

سانگهڙ جي رهواسي شگر مل جي رٽائر ملازم جو حيدرآباد ۾ احتجاج

مل انتظاميا جي مبينا فراڊ ۽ رهتون نه ملڻ خلاف تنوير راجپوت احتجاج ڪيو

مون 24سال مل ۾ پوروهيت جي پوسٽ تي نوڪري ڪئي پر مل انتظاميا فراڊ ڪيو: تنوير

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سانگهڙ جي رهواسي شگر مل جي رٽائر ملازم تنوير راجپوت مل انتظاميا جي مبينا فراڊ ۽ رهتون نه ملڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو هن الزام هڻندي چيو ته سانگهڙ شگر مل انتظاميه جي مد ۾ جمع ٿيندڙ رقم ڦڪهار جي حساب سان گهٽ موڪلي فراڊ ڪيو آهي جنهن سبب منهنجي پينشن تمام گهٽ لڳي آهي هن چيو ته مون 24سال مل ۾ پوروهيت جي پوسٽ تي نوڪري ڪئي پر مل انتظاميا مون سان فراڊ ڪيو آهي هن چيو ته منهنجو جي پي فنڊ ۽ 5سيڪڙو پگهار به 2سالن کان ادا نه ڪئي آهي جنهن سبب سان مشڪلاتن سان منهن ڏئي رهيو آهيان ۽ مل جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور آهيان هن آءِ جي او بي آءِ جي پينشن جي مد ۾ پارا آي او بي آءِ سنڌ حڪومت ۽ وفاقي حڪومت کي اپيل ڪئي ته سانگهڙ شگر مل جي انتظاميا پاران فراڊ جو نوٽيس وٺي رهتون ڏياريون وڃن

ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو طرفان بيسڪ هيلٿ يونٽ ٻيڙو چانڊيو جو دورو، سهولتن جي بهتري لاءِ هدايتون جاري

لاڙڪاڻو (اي پي پي)ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو طارق منظور چانڊيو اسسٽنٽ ڪمشنر لاڙڪاڻو ڊسٽرڪٽ مئنيجر پي پي ايڇ آءِ سيڪنڊري ۽ صحت کاتي لاڙڪاڻي جي ٻين آفيسرن سان گڏجي تعلقي لاڙڪاڻي ۾ واقع بيسڪ هيلٿ يونٽ ٻيڙو چانڊيو جو دورو ڪيو دوري دوران ڊسٽرڪٽ مئنيجر پي پي ايڇ آءِ سيڪنڊري طرفان ڊپٽي ڪمشنر کي بيسڪ هيلٿ يونٽ جي ڪارڪردگي مهيا ڪيل سهولتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ڊپٽي ڪمشنر دوري ۾ او پي ڊي، اٽراسائونڊ روم، دوائن جو ڪمرو، ليبر روم، نيوٽريشن اسٽور ۽ اي پي آءِ روم جو معائنو ڪيو ان موقعي تي هن او پي ڊي ۽ دوائن جي داخلا جو رڪارڊ به چيڪ ڪيو هن ڊسٽرڪٽ مئنيجر پي پي ايڇ آءِ سيڪنڊري کي هدايت ڪئي ته ايمرجنسي جي صورت ۾ مريضن کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ کي يقيني ...

حيدرآباد جي ڳوٺ الهجايو مير بحر جي رهواسين جو احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي ڳوٺ الهجايو مير بحر جي رهواسي عورتن ۽ مردن پوليس جي ناجائزين خلاف نصير ملاح نياز ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن چيو ته برادري جي ماڻهن منير الهداد، وزير ۽ ملهار ملاح ڌر ... نڪاح ڪيو آهي هنن چيو ته هڪ ڏينهن اڳ جهيڙي ڪيس ۾ ضمانت لهڻ بعد ضمانت جا ڪاغذ جمع ڪرائڻ دوران پوليس برڪت ملاح کي ناجائز ٿاڻي تي ويهاري ڇڏيو آهي جيڪو عدالتي حڪم جي توهين آهي هنن دي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ...

ٽنڊوڄام جي رهواسي وسيم طالباڻي جا ايس ايڇ او تي الزام

ايس ايڇ او باثرن جي چرچ تي گهر مان بي دخل ڪرڻ چاهي ٿو: وسيم طالباڻي

ويڳي ماءُ جا پائر باثر آهن ۽ پوليس به سندن دباءُ جي زيراثر آهي انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊوڄام (ن ع) ٽنڊوڄام جي رهواسي وسيم طالباڻي الزام لڳايو آهي ته ٽنڊوڄام جو ايس ايڇ او باثر ماڻهن جي دباءُ هيٺ اچي ڪيس سنڌس اباڻي گهر مان بي دخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي هن اپيل ڪئي ته ... فيصلا ڏئي چڪيون هن الزام هنيو ته سنڌس ويڳي ماءُ جا پائر باثر آهن ۽ پوليس به سندن دباءُ جي زير اثر آهي سنڌس چوڻ موجب گذريل ڏينهن ٽنڊوڄام جو ايس ايڇ او ڪجهه خانگي ماڻهن سان گڏ سنڌس اباڻي گهر ۾ داخل ٿيو ۽ بنا جواز تلاشي ورتي ۽ ڪيس فوري طور گهر خالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ... قادر طالباڻي 2017 ۾ لاڏلاڻو ڪري ويو ...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 10 جولاءِ 2026ع

ٻيهر شروع ٿيل آمريڪا- ايران ڇڪتاڻ، دنيا کي ڪٿي رسائيندي؟

آمريڪا طرفان ڏکڻ ايران جي مختلف علائقن تي بمباري ۽ ان جي جواب ۾ ايران پاران خليجي ملڪن ۾ موجود آمريڪي فوجي اڏن کي نشانو بڻائڻ ڪانپوءِ تڪرار سفارتي بيانن جي حدن کان نڪري عملي فوجي ڪارروائين تائين پهچي چڪو آهي. اهڙي قسم جي ڪارروائين سان نه رڳو ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا وڌيڪ خراب ٿيندا، پر پوري خطي جي سلامتي به خطري ۾ پئجي سگهي ٿي. ايران واضح طور اعلان ڪيو آهي ته هو پنهنجي خودمختياري، قومي سلامتي ۽ علائقائي سالميت تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪندو. ايراني قيادت جو موقف آهي ته آمريڪا طرفان هڪ طرفه قدم ۽ فوجي ڪارروايون اڳوڻين مفاهمتي ڳالهين جي روح جي خلاف آهن. ٻئي طرف واشنگٽن جو چوڻ آهي ته ان جا قدم سامونڊي واپار ۽ عالمي جهازراني جي آزاديءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ آهن. حقيقت اها آهي ته ٻنهي ڌرين جي موقف ۾ سختي ۽ بي اعتمادي وڌندي پئي وڃي، جيڪا ڪنهن به سفارتي ڪوشش کي ڌڪيو بڻائي رهي آهي. هن ڇڪتاڻ جو سڀ کان اهم پاسو آبنائي هرمز جي اهميت آهي. تيل ۽ گئس هن سامونڊي رستي ذريعي عالمي مارڪيٽن تائين پهچندو آهي. جيڪڏهن ايران واقعي آبنائي هرمز کي بند ڪرڻ جو قدم کڻي ٿو ته ان جا نتيجا صرف علائقي تائين محدود نه رهندا، پر عالمي معيشت تي به گهرا اثر پوندا. تيل جون قيمتون اڳ ئي وڌڻ شروع ٿي ويون آهن ۽ عالمي اسٽاڪ مارڪيٽن ۾ به غير يقيني صورتحال سبب گهٽتائي ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي. جيڪڏهن بحران وڌيڪ وڌيو ته توانائي جي قيمتن ۾ اضافو دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ مهانگائي جي نئين لهر کي جنم ڏئي سگهي ٿو. جڏهن ته اسرائيل جي جنگ ۾ شامل ٿيڻ بابت بيانن صورتحال کي وڌيڪ نازڪ بڻائي ڇڏيو آهي. اسرائيلي فوج جي اعليٰ تيارين ۽ آمريڪي فوج سان ويجهي رابطن مان ظاهر ٿئي ٿو ته جيڪڏهن تڪرار وڌيو ته اهو صرف آمريڪا ۽ ايران تائين محدود نه رهندو پر سڄو وچ اوڀر ان جي لپيٽ ۾ اچي سگهي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ شام، عراق، لبنان، يمن ۽ خليجي ملڪن جي سلامتي بابت خدشا به وڌي سگهن ٿا. گڏيل قومن، چين، فرانس، قطر ۽ ترڪيه سميت ڪيترن ئي ملڪن طرفان ڳالهين ۽ سفارتڪاري تي زور ڏيڻ هڪ مثبت اشارو آهي. تاريخ شاهد آهي ته فوجي طاقت عارضي برتري ته ڏئي سگهي ٿي پر پائيدار امن جو بنياد هميشه ڳالهين، اعتماد سازي ۽ سفارتي حل تي رکيو ويندو آهي. افغانستان، عراق ۽ شام جا تجربا به اهو ثابت ڪن ٿا ته ڊگهي فوجي ڇڪتاڻ نه صرف انساني جاني نقصان جو سبب بڻجي ٿي پر معاشي تباهي ۽ سياسي عدم استحڪام کي به جنم ڏئي ٿي. اڄ دنيا کي طاقت جي نمائش بدران ذميوار قيادت جي ضرورت آهي. وڏين طاقتن کي اهو سمجهڻ گهرجي ته جديد دور ۾ جنگ جو دائرو محدود رکڻ آسان ناهي. هڪ علائقي ۾ شروع ٿيندڙ تڪرار عالمي معيشت، توانائي جي فراهمي، واپار ۽ سلامتيءَ جي نظام کي متاثر ڪري سگهي ٿو. ان ڪري واشنگٽن ۽ تهران ٻنهي تي ذميواري عائد ٿئي ٿي ته هو بيان بازي ۽ فوجي دٻاءُ بدران سفارتي چينلن کي فعال بڻائين. پاڪستان سميت اسلامي دنيا لاءِ به ضروري آهي ته هو خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پنهنجو تعميري ڪردار ادا ڪري. پاڪستان ماضي ۾ به مختلف بين الاقوامي تڪرارن ۾ ڳالهين ۽ مفاهمت جي حمايت ڪندو رهيو آهي ۽ موجوده بحران ۾ به سفارتڪاري، اعتدال ۽ امن جي پاليسي ئي بهتر رستو ثابت ٿي سگهي ٿي.

وچ اوڀر جي موجوده صورتحال دنيا کي هڪ اهم سبق ڏئي رهي آهي ته جنگ جي باهه لڳائڻ آسان پر ان کي وسائڻ انتهائي ڏکيو هوندو آهي. جيڪڏهن عالمي برادري وقت سر سنجيده قدم نه کنيا ته هي بحران نه صرف علائقائي پر عالمي امن لاءِ به هڪ وڏو خطرو بڻجي سگهي ٿو. تنهن ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته طاقت جي زبان بدران ڳالهين جي زبان کي ترجيح ڏني وڃي، جيئن دنيا هڪ ٻي تباهه ڪندڙ جنگ کان بچي سگهي.

لطيفي لات — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

اڄ رَسِيلا رَنگَ، بادَل ڪَڍِيا بِرِجَڻِ سِينَ،
سازَ سارَنگِيُونَ، سُرَندِڙا، وَڄايائِينَ بِرِجَنگَ،
سَڙاهِيُونَ سَوَ رَنگَ، پَلَٽِيُونَ رَاتِ پَڏامَ تي.

ساوڻ رُتِ جا به عجيب رنگ ٿين ٿا. سال جي سڀني موسمن مان ساوڻ جي موسم ٻنهه مختلف ۽ نرالي هوندي آهي. جنهن ۾ گرميءَ سان گڏ خاص ڪري گهٽ، اڪرس، اگهمو گهٽو ٿيندو آهي. ماڻهو پنهنجي ٻت کان بيزار هوندو آ. پر لطيف سائين ان مند جي انهن گهڙين کي اهڙي ته رومانٽڪ، پيار جي تجسس واري انداز سان پيش ڪيو آهي جو ماڻهو دنگ رهجيو وڃي. جو ساهه نيندڙ پوسٽ وارين گهڙين ۾ به فرحت محسوس پيو ڪري! جهڙ جي رنگن کي وٺندڙ ۽ رس جس وارا ڏيندڙ لقائن جا نالا ڏئي قطري سونهن، خوبصورتي سان پيش ڏئي ٿو. بادل جي گوڙ کي جنهن ۾ هلڪا ۽ ڳرا گجگوڙ وارا آواز ايندا آهن تن کي مختلف سازن جي سريلن ۽ جيءَ کي سرجائيندڙ آوازن سان مشابهت ڏئي ٿو سارنگ جي وسڪاري کان پوءِ اتي جيڪي سرهائيون ٿين ٿيون، انهن جي وٺندڙ انداز ۾ عڪاسي ڪري ٿو اهو ڏانءُ اها چاڻ اهو علم لطيف سائينءَ کان علاوه اسان کي ٻئي هنڌ ڪٿان به ڪونئو ملي...

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

ورسيءَ جي مناسبت سان

حاجي مختيار علي شورو جي شخصيت!



منصور خاصخيلي

هر انسان کي هڪ نه هڪ ڏينهن هيءُ جهان ڇڏڻو آهي. انسان صرف هن دنيا ۾ مسافر واري زندگي گذاري ٿو. ان مسافر مختصر واري زندگيءَ ۾ ڪي انسان صرف پنهنجي لاءِ جيئندا آهن ته ڪي انسان وري خلقِ خدا لاءِ جيئندا آهن. سندن جيئڻ جو مقصد صرف انسانيت جي خدمت ڪرڻ آهي. جڏهن اهي انسان دوست ماڻهو جڏهن حقيقي سفر ڏانهن روانا ٿيندا آهن ته سندن وڃڻ سان وڏو خال پيدا ٿيندو آهي. اهڙي انسان دوست ڪردارن مان پ پ پ ضلعي سانگهڙ جو اڳوڻو صدر حاجي مختيار علي شورو به هڪ هو. ڳوٺ پيرو فقير شورو ۾ گل محمد شورو جي گهر ۾ جنم وٺندڙ حاجي مختيار علي شورو پرائمري تعليم اباڻي ڳوٺ مان حاصل ڪئي، جڏهن ته ميٽرڪ شاهه عبداللطيف هاءِ اسڪول ٽنڊو آدم ۽ بي اي نيو علي ڳڙهه ڪاليج ٽنڊو آدم مان حاصل ڪيائين. هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات 1970ع ڌاري شاگرديءَ واري زماني ۾ ڪئي. 1985ع ۾ ملڪ ۾ غير جماعتي اليڪشن جو اعلان ٿيو ته پ پ کان الڳ ٿيڻ جي عيوض ڪيس صوبائي ٽڪيٽ ڏيڻ جي آفر ٿي پر حاجي مختيار علي شورو انهن سڀني لالچن کي ٺڪرائي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي نظريي ۽ فلسفي تي هلڻ جو فيصلو ڪيو.


محترمه بينظير ڀٽو جڏهن جلاوطني ختم ڪري پاڪستان آئي هئي ته شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو ڪيس پنهنجو سيڪيورٽي آفيسر مقرر ڪيو. جڏهن ملڪ مان آمريت ختم ٿي ۽ جمهوري حڪومت قائم ٿي ته شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو ڪيس ضلعي سانگهڙ جو چيئرمين مقرر ڪيو ان کانپوءِ ڪيس پ پ پ سنڌ ڪائونسل جو ميمبر مقرر ڪيو ويو ۽ ڪيس عوامي خدمتن جي عيوض ڪيس پ پ پ ضلعي سانگهڙ جو صدر مقرر ڪيو ويو. سندس عوامي مقبوليت سبب شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو ڪيس وڏي عزت جي نگاهه سان ڏسندي هئي.



انسان دوست شخصيت عوام کي جيءَ ۾ جايون ڏئي سندن مسئلا حل ڪندو هو. هن جي زندگيءَ جو جيئڻ جو مقصد صرف انسان ذات جي خدمت ڪرڻ هو. حاجي مختيار علي شورو هڪ محبتي ۽ شفيق ماڻهو هو. سندس قول توڙي فعل ۾ فرق نه هئڻ سندس زندگيءَ جو مقصد هو. انسان ذات جي خدمت ڪرڻ پاڻ سدائين اٿين غريب مسڪين ۽ هيٺين جو همراهه رهيو. سياست کي عبادت سمجهي خلقِ خدا جي خدمت ڪيائين. پاڻ جڏهن پ پ پ ضلعي سانگهڙ جو صدر مقرر ٿيو. تڏهن ضلعي سانگهڙ جي عوام جي تمام گهڻي خدمت ڪيائين. مختلف علائقن ۾ وڏا ترقياتي ڪم ڪرايائين. هزارين نوجوانن کي نوڪرين جي صورت ۾ روزگار ڏنو ۽ پارٽيءَ جي ورڪرن سان ڏک توڙي سک ۾ گڏ رهيو. اهو ئي سبب آهي جو هن جي لاڏاڻي جي خبر جڏهن ضلعي سانگهڙ جي عوام کي پهتي ته ضلعي سانگهڙ اندر سوڳ وارو ماحول ڇانئجي ويو هو هر اک آلي هئي. جيئن سندس جسد خاڪي ڪراچيءَ کان سندس اباڻي ڳوٺ پيرو فقير شورو آندو ويو ته علائقي جا مختلف شهر سوڳ ۾ بند ٿي ويا. سندس جنازي نماز ۾ پارٽي ورڪرن، عهديدارن ۽ ضلعي سانگهڙ جي مختلف علائقن مان آيل هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي.

اڄ سندس وڇوڙي کي 7 سال گذري ويا آهن پر عوام ۽ پارٽي ورڪر سندس ڏنل محبت ۽ عوامي خدمتن کي وساري ناهي سگهيا. سندس ورسيءَ جي موقعي تي هن جي ڪيل عوامي خدمتن عيوضي ڪيس خراج تحسين پيش ڪجي ٿو. ڏاڍيءَ در دعاڳو آهيون ته رب سائين مرحوم حاجي مختيار علي شورو کي جنت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي.

شهيد جو موت، قوم جو جياپو



محمود شام

'جيستائين اسان جي رڳن ۾ رت آهي تيستائين اسان پنهنجي جهنڊي کي سڀ کان اوچو ۽ سربلند رکنداسين' آمريڪا جي آزادي واري ڏينهن يعني 4 جولاءِ کان وٺي ايران جي شاهراهن تي هر عمر جا ڏيڍ ڪروڙ کان وڌيڪ ايراني مرد ۽ عورتون اها للڪار بلند ڪري رهيا آهن تهران، مشهد ۽ ٻيءَ قم تائين اها گونج ٻڌڻ ۾ ايندي رهي انهن ئي ڏينهن ۾ 86 ورهين جي رهبر معظم آيت الله خامنه اِي کي وڏي احترام ۽ عقيدت سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. انهن پنجن ڏينهن ۾ ايران جي غيور عوام سڄي دنيا تي واضح ڪري ڇڏيو ته:

هرگز نه ميرد آنکه دلش زنده شد ز عشق
ثبت است برجريده عالم دوام ما

ايران کي لڳاتار 47 سالن تائين پابندين ۽ علمي دٻاءُ ذريعي اڪيلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ ملڪن کي دنيا جي 70 کان وڌيڪ قومن جي سرڪاري ۽ غير سرڪاري اعليٰ وفدن آخري رسمن ۾ شرڪت ڪري واضح پيغام ڏنو ته ايران اڪيلو ناهي انهن پنجن ڏينهن دوران جاپان کان وٺي ڪينيڊا تائين اهو پيغام پکڙيل رهيو ته ايران اڄ به پنهنجي جاءِ تي قائم آهي ۽ اولهه ايشيا ۾ اڃا تائين هڪ اهم ۽ مرڪزي حيثيت رکي ٿو شايد شاعر مشرق علامه اقبال جي روح کي به سڪون مليو هوندو. جنهن چيو هو: 'تهران هو گر عالم مشرق کا جنيوا' آمريڪا ۽ اسرائيل جو خيال هو ته ايراني عوام آيت الله خامنه اِي ۽ سندس ساٿين کي اقتدار تان هٽائي ڇڏيندا ۽ اها حڪومت عوام جي نمائندگي نٿي ڪري، پر انهن پنجن ڏينهن دوران ڏيڍ ڪروڙ کان به ڪروڙ تائين ايراني ماڻهن صبح کان شام تائين روڄ ۽ گهٽين ۾ نڪري دنيا کي ٻڌايو ته موجوده حڪومت ئي سندن نظر ۾ ايران جي جائز ۽ قانوني حڪومت آهي 21هين صدي ۾ اهڙا منظر گهٽ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جتي عوام پنهنجي اڳواڻ سان ايتري محبت، وفاداري ۽ يڪجهتيءَ جو اظهار ڪري انهن ڏينهن دوران 'آمريڪا مرده باد'، 'اسرائيل مرده باد'، 'ٽرمپ مرده باد'، 'نيتن ياهو مرده باد' جا نعرا گونجندا رهيا. گڏوگڏ 'انتقام انتقام'، 'رهبر جي رت جو حساب وٺنداسين'، 'اسان شهيدن جي قوم آهيون'، 'لبيڪ يا خامنه اِي'، 'اسان جو رهبر زنده آهي' ۽ 'جيستائين اسان جي رڳن ۾ رت آهي تيستائين جهنڊو بلند رهندو' جهڙا نعرا به لڳندا رهيا. لائوڊ اسپيڪرن تان بار بار ماڻهن کي روئڻ ۽ غم جو اظهار ڪرڻ جي اپيل ڪئي ويندي رهي انهن پنجن ڏينهن تي مستقبل ۾ فلمون ٺهنديون، ڪتاب لکيا ويندا ۽ تاريخ انهن ڏينهن کي ڊگهي عرصي تائين ياد رکندي. ايران جي هر شهر مان وطن سان محبت ڪندڙ ماڻهو تهران پهتا ته جيئن هُو تاريخ جي انهن لمحن جا شاهد بڻجي سگهن انهن ۾ 1989ع ۾ امام خميني جي جنازي ۾ شرڪت ڪندڙ نسل به شامل هئي ۽ ان کانپوءِ پيدا ٿيندڙ نسلون به موجود هيون اسلامي تعاون تنظيم (او آءِ سي) جو سرڪاري وفد آيو هجي يا نه، پر ان جي گهڻن ميمبر ملڪن جا ماڻهو ۽ نمائندا ايران سان يڪجهتي ۽ پاڻيچاري جي اظهار لاءِ موجود هئا. آمريڪا ۽ اسرائيل جديد هٿيارن، ميزائلن ڊرونن ۽ هوائي حملن ذريعي ايران جي سپريم ليڊر ۽ سندس ڪيترن ئي ويجهن ساٿين کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر دنيا مان آيل مهمانن اهو به ڏٺو ته باقي بچيل ايراني قيادت ڪهڙي ريت وڏي تدبر، تنظيم ۽ انتظام سان لکين ماڻهن جي آمد جو بندوبست ڪيو هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهن جي تهران اچ وڃ، رهائش، کاڌي پيتي ۽ ٻين سهولتن لاءِ وڏي پيماني تي انتظام ڪيا ويا. اسڪولن، مسجدن ۽ يونيورسٽين جا دروازا ماڻهن جي رهائش لاءِ کوليا ويا سخت گرمي سبب پاڻيءَ جو ڦوهارو ڪندڙ ڇهه هزار ٽينڪر به ميدان ۾ موجود هئا. مغربي ميڊيا موجب انهن انتظامن تي 25 ملين ڊالر کان وڌيڪ خرچ ٿيو ۽ ڪجهه ماڻهن سوال اٿاريو ته معاشي مشڪلاتن واري ملڪ ايترو خرچ ڇو ڪيو؟ عبدالمجيد سالڪ صحيح چيو هو ته: 'شهيد کي موت هي وه قوم کي حيات هي' سندس چوڻ آهي ته ايران صدين کان جاڳائي ٿو ته غم ۽ مصيبت کي طاقت ۽ حوصلي ۾ ڪيئن تبديل ڪجي دنيا جا سڀ ملڪ، خاص طور تي اسلامي ملڪ، انهن ڏينهن مان گهڻو ڪجهه سکي سگهن ٿا. ايراني عوام جي ثابت قدمي ۽ همت جو هڪ اهم سبب تعليم به آهي چاڪاڻ ته ايران ۾ پڙهائي جي شرح تمام سٺي آهي ۽ اسڪولن ۽ يونيورسٽين جو معيار جديد ضرورتن سان گڏ پنهنجي فڪري ۽ مذهبي پسمنظر سان به هم آهنگ آهي اڄ جي ايراني قيادت ۾ ڪيترائي ماڻهو جديد علمن جا ماهر، ماسٽر ۽ پي ايڇ ڊي هولڊر آهن ايران جديد ٽيڪنالاجيءَ ۾ به اڳتي وڌي چڪو آهي جانورن جي ڪلوننگ ۽ طبي تحقيق جهڙن شعبن ۾ به ڪم ڪري رهيو آهي ايران ۾ فرد کي عزت ۽ اهميت ڏني وڃي آهي تنهنڪري 47 سالن کانپوءِ به ايراني انقلاب پنهنجي جاءِ تي مضبوط بيٺو آهي سندس خيال موجب هاڻي مغربي دنيا کي اهو خدشو آهي ته ايران انهن واقعن ۽ اجتماعي جذبي کي سفارتي طاقت ۾ تبديل ڪري پنهنجي اثر کي وڌيڪ نه وڌائي خليجي ۽ عرب ملڪ به ايران جي مزاحمت ۽ عوامي جذبي کي ڏسي شايد پنهنجي مغرب نواز پاليسين تي ٻيهر غور ڪرڻ تي مجبور ٿين پاڪستان مان به سياسي، فوجي ۽ پارلياماني قيادت سميت مختلف وفد ۽ ڪيترائي عام پاڪستاني ايران پهتا، جن ويجهي کان ڏٺو ته قومي اتحاد، گڏيل ڏک جو احساس ۽ رياست ۽ عوام جو هڪٻئي سان تعلق ڇا هوندو آهي پاڪستان جي قيادت به اهو ڏٺو هوندو ته هڪ اهڙو ملڪ، جيڪو 47 سالن کان آمريڪا، گڏيل قومن، يورپي يونين ۽ ٻين عالمي پابندين هيٺ رهيو ۽ جنهن کي پنهنجو تيل ۽ گئس به آزاديءَ سان وڪڻڻ جا موقعا محدود هئا، تنهن هوندي به هن پنهنجي وسيلن تي پروسو ڪندي پنهنجو نظام هلائڻ جاري رکيو مغربي ميڊيا جي رپورٽن موجب، ماڻهن جي آمد رفت لاءِ لڳ ڀڳ 11 هزار وڏين بسون استعمال ڪيون ويون جيڪڏهن انهن انتظامن جو تفصيل سان جائزو ورتو وڃي ته دنيا کي اندازو ٿيندو ته اهڙي ڏک ۽ ڏکئي وقت ۾ به بهترين انتظام ڪرڻ واري قوم ئي ڊگهي عرصي تائين پابندين ۽ مشڪلاتن جو مقابلو ڪري سگهي ٿي هاڻي وري 11 جولاءِ کانپوءِ آبنائي هرمز جي ايران جو ايتمي پروگرام، علمي پابنديون، منجمد اثاثا ۽ لبنان مان اسرائيلي فوج جي واپسي جهڙا مسئلا ڳالهين جو حصو بڻجندا ڳالهيون اسلام آباد يا دوحا ۾ ٿي سگهن ٿيون ايران يورپي ملڪن کي آخري رسمن ۾ دعوت نه ڏني هئي تنهنڪري سوئٽزرلينڊ ۾ ٻيهر ڳالهين جا امڪان گهٽ آهن چين پنهنجي خاموش ۽ سوچيل سمجهيل سفارتڪاري ذريعي اسلامي دنيا ۾ هڪ اثرائتي حيثيت حاصل ڪري ورتي آهي ۽ هاڻي دنيا ۾ نيون سياسي صف بنديون ۽ نوان اتحاد وجود ۾ اچي سگهن ٿا ايران کي هاڻي اخلاقي سياسي ۽ سفارتي سطح تي هڪ مضبوط حيثيت حاصل ٿي وئي آهي ۽ دنيا جي نظرون هاڻي ايران ڏانهن لڳل آهن

سوشل ميڊيا جي دنيا ۽ اڪيلائپ جو عذاب!



مسعود احمد خاصخيلي

جديد دور جي ريتن رسمن ۽ تهذيبن کي سولائيءَ سان سمجهڻ لاءِ سوشل ميڊيا هڪ بهترين ڪردار ادا ڪري رهيو آهي سوشل ميڊيا انسان کي دنيا جي ڪنهن ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ مختلف ماڻهن سان لاڳاپن ۾ آندو پنهنجا خيال هڪ ٻئي سان تقسيم ڪرڻ جو ذريعو بڻجي ويو ۽ ڏورانهن علائقن جا ماڻهو جن جي زندگيءَ کي سمجهڻ ۽ پرکڻ ڪنهن زماني ۾ مشڪل لڳندو هو ته جديد ۽ سوشل ميڊيا جي ايجاد سان انهن پري پري جي علائقن جي ماڻهن ۾ پڻ ڳانڍاپو قائم ٿيو اڄ اها دنيا جتي هيڏي اوچ تي پهتل آهي يا جيتري تيزيءَ سان دنيا جو ڪاروهنوار هلي رهيو آهي ۽ ماڻهو هڪ ٻئي سان آساني سان ڳنڍجي رهيا آهن اهو سمورو سوشل ميڊيا جو ئي ڪمال آهي سوشل ميڊيا جتي انساني ڀلائي لاءِ هڪ ڪارائتو ذريعو ثابت ٿيو آهي اتي ئي ان جا ڪجهه غلط اثر به سماج مٿان پيا آهن جن سان ماڻهن جو ذهن سماج، رويو ۽ زندگي گذارڻ جا طريقا تمام گهڻو اثرانداز ٿيا آهن سوشل ميڊيا جي دنيا خاص ڪري نوجوان نسل جي ذهن ۽ روين تي تمام گهڻو اثر انداز رهي آهي جنهن سان سماجي هم آهنگي ۽ انساني ڀائيچاري ۽ محبت ۽ خلوص ۾ ڪافي فاصلا پيدا ٿي چڪا آهن

اسان اهڙي دور مان گذري رهيا آهيون جتي انسان وٽ دنيا سان ڳنڍجڻ جا وسيلا ته اڳ کان وڌيڪ موجود آهن پر جي نظر ڦيرائي ڏسبو ته هر ماڻهو ٻئي ماڻهو کان لاتعلق ۽ بي خبر نظر ايندو انسان انساني حدن کي پار ڪري تمام گهڻو اڳتي نڪري ويو آهي جتي ڪيس واپسيءَ جو رستو ملڻ اوکو ٿي پيو آهي هڪ زمانو هوندو هو جڏهن گهرن جي اڱڻن ۾ ويهڪون لڳنديون هيون پاڙيسري هڪ ٻئي جو حال احوال وٺندا هئا دوست ڪلاڪن جا ڪلاڪ گڏ ويهي زندگيءَ جون ڳالهيون ڪندا هئا ۽ خاندان جا ماڻهو هڪ ئي دسترخوان تي ويهي کلندا، روئندا ۽ پنهنجا ڏک سک ورهائيندا هئا مطلب ته اهو اهڙو دور هو جو جڏهن سڀ انسان هڪ ٻئي سان نه صرف جسماني طرح ڳنڍيل هئا پر پڻ روحاني ۽ احساساتي طريقي سان هڪ ٻئي جي ڏک سک ۽ احساسن سان واقف هئا اڄ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ سان هر هٿ ۾ موبائيل فون آهي هر ڪنهن وٽ انٽرنيٽ آهي ۽ هر ماڻهو دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ سان هڪ لمحي ۾ ڳنڍجي سگهي ٿو پر باوجود ان جي دلين وچ ۾ فاصلا اڳي کان وڌيڪ وڌي ويا آهن اسان رابطن جي انقلاب ۾ داخل ته ٿي وياسين پر احساسن جي دنيا مان آهستي آهستي نڪري آياسين سوشل ميڊيا کي جيڪڏهن محبتي انداز سان استعمال ڪجي ته يقينن اها ڪنهن نعمت کان گهٽ نه آهي بلڪ انهيءَ ئي انسان کي علم، خبرون، ڪاروبار، تعليم ۽ رابطن جا بي شمار موقعا ڏنا آهن ڪيترن ماڻهن پنهنجي صلاحيتن کي دنيا آڏو پيش ڪيو آهي ڪيترن کي روزگار مليو آهي ڪيترائي پنهنجن وڇڙيل عزيزن سان ٻيهر رابطو ڪري چڪا آهن پر هر نعمت وانگر جڏهن ان جو استعمال اعتدال کان ٻاهر نڪري وڃي تڏهن اها نعمت آهستي آهستي آزمائش بڻجي وڃي ٿي اڄ سوشل ميڊيا اسان جي زندگيءَ جو اهڙو حصو بڻجي چڪي وئي آهي جو صبح جو اکيون کولڻ کان وٺي رات جو سمهڻ تائين اسان جون نظرون ڪنهن نه ڪنهن اسڪرين تي ٽڪيل هونديون آهن اسان جا هٿ مصروف آهن پر دلين ۾ خاموشي پکڙيل آهي اڄ جو انسان شايد دنيا جي سڀ کان وڌيڪ 'ڳنڍيل' مخلوق آهي پر ساڳئي وقت سڀ کان وڌيڪ اڪيلو به آهي اڪيلو صرف جسماني طرح سان نه پر روحاني، جذباتي، اخلاقي ۽ احساساتي حوالي سان به اڪيلا رهجي ويا آهن سوشل ميڊيا جا پليٽ فارم تي هزارين فالوئرز، سوين دوست، بي شمار گروپ ۽ مسلسل ايندڙ نوٽيفڪيشن به ان خال کي پري نٿا سگهن جيڪو هڪ سچي گفتگو، هڪ همدرديءَ واري نظر يا ڪنهن پنهنجو سمجهي ٻڌندڙ ماڻهوءَ جي موجودگي پري سگهي ٿي موبائل جي اسڪرين تي کلندڙ چهرا ڪيترن ئي ماڻهن جي اندر لڪل اداسيءَ کي لڪائي ڇڏين ٿا. اسٽيٽس تي لکيل 'مان خوش آهيان' جي پويان ڪڏهن ڪڏهن اهڙو خاموش درد لڪل هوندو آهي جيڪو ڪنهن ٻئي ماڻهو تائين نٿو پهچي

نوجوان نسل هن تبديليءَ کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيو آهي ڪيترائي نوجوان راتين جون راتيون موبائل جي اسڪرين اڳيان گذارين ٿا پر جڏهن حقيقي زندگيءَ ۾ ڪنهن سان ڳالهائڻو پوي ٿو ته لفظ ساٿ نٿا ڏين اعتماد گهٽجي رهيو آهي برداشت ختم ٿي رهي آهي ۽ ذهني بيچيني وڌي رهي آهي اڪيلائي رڳو جسماني نه رهي آهي پر اها هاڻي ذهني ۽ روحاني بيماريءَ جي صورت اختيار ڪري رهي آهي اهڙي اڪيلائي جيڪا ماڻهن وچ ۾ رهندي به انسان کي پاڻ کان پري ڪري ڇڏي ٿي اسان کي اهو به سوچڻ گهرجي ته اسان پنهنجي ٻارن کي ڪهڙي دنيا ڏئي رهيا آهيون؟ جيڪڏهن گهر ۾ ويٺل هر فرد پنهنجي پنهنجي اسڪرين ۾ گم هوندو ته محبت، قرب، عزت، صبر ۽ برداشت جا سبق ڪير سيکاريندو؟ جيڪڏهن والدين وٽ اولاد لاءِ وقت نه هوندو ته پوءِ اولاد پنهنجي احساسن جو اظهار ڪنهن سان ڪندو؟ جيڪڏهن دوستي صرف 'آن لائين' رهجي ويندي ته ڏک جي گهڙيءَ ۾ ڪلهو ڪير ڏيندو؟ اهي سوال اسان سڀني کان جواب گهرن ٿا. سوشل ميڊيا کي ڇڏي ڏيڻ مسئلي جو حل ناهي، چوته اها اڄ جي دنيا جي هڪ حقيقت آهي اصل ضرورت ان جي متوازن استعمال جي آهي اسان کي سکڻو پوندو ته فون اسان جي هٿ ۾ هجي اسان فون جي هٿ ۾ نه هجون ڏينهن جو ڪجهه وقت رب سان تعلق مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪجهه وقت گهروارن لاءِ مخصوص هجي ڪجهه وقت ڪتابن لاءِ ۽ ڪجهه وقت پنهنجي ضمير سان گفتگو لاءِ حقيقي زندگيءَ جا رشتا، سامهون ويهي ٿيندڙ ڳالهيون، والدين جون دعائون، ٻارن جا ٽهڪ ۽ دوستن جي سچي محبت ڪنهن به اسڪرين، ڪنهن به ايپ ۽ ڪنهن به ورچوئل دنيا مان حاصل نٿي سگهي زندگيءَ جي سڀ کان وڏي سچائي اها آهي ته انسان کي آخرڪار انسان جي ئي ضرورت هوندي آهي نه 'لائيڪ' ڏک ونڊيندا آهن نه 'فالوئر' اڪيلائي ختم ڪندا آهن نه 'شيئر' دلين جا زخم ڀريندا آهن انسان جي دل کي محبت، خلوص، سچي گفتگو، همدردي ۽ قرب جي ضرورت هوندي آهي جيڪڏهن اسان اها ڳالهه وقت سر نه سمجهياسين ته شايد ايندڙ نسل وٽ جديد ترين ٽيڪنالاجي ته هوندي پر هڪ ٻئي کي سمجهڻ واري دل نه هوندي. اسان سوشل ميڊيا کي پنهنجي زندگيءَ جو مالڪ بڻائڻ بجاءِ ان کي هڪ اوزار ۽ آواز بڻايون پنهنجن گهرن ڏانهن موٽون، پنهنجن ماڻهن سان ويهي ڳالهايون، پنهنجن والدين کي وقت ڏيون، انهن جي ڳالهين کي ٻڌون

ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شاگردن تي تشدد جو نوٽيس ورتو وڃي

فيس بڪ تي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شاگردن تي حملي جي وڊيو وائرل ٿي آهي جنهن ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته هڪ خاص جماعت جا ڪارڪن سنڌي شاگردن سان وڙهي رهيا آهن ۽ زخمي شاگرد پاڻ بچائڻ لاءِ استادن جي آفيسن ۾ پناهه وٺي رهيا آهن جيتوڻيڪ هيستائين انهيءَ معاملي جا ڪي مڪمل تفصيل سامهون اچي ناهن سگهيا، پر اتي موجود هڪ شاگرديائي جي انٽرويو مان محسوس ٿي رهيو آهي ته اُنهن کي سنڌي هُجڻ جي ڏوهه ۾ نشانو بڻايو ويو آهي اِن واقعي جي جيتري به مذمت ڪجي سا گهٽ آهي اِن کان پهريان به اهڙي قسم جا واقعا رپورٽ ٿيندا رهيا آهن پر ته نه يونيورسٽي انتظاميا نه وري سيڪيورٽي ادارن پاران ڪو تحرڪ ڏٺو ويو، جنهن سبب تشدد ڪندڙ ڌرين جو مَنُ وڌي ويو آهي ۽ اهي سنڌي شاگردن کي نشانو بڻائڻ جا بهانا ڳوليندا رهيا آهن اِها روش قابل مذمت آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ ننديا ڪجي ٿي ۽ سنڌ سرڪار کان مطالبو ٿو ڪجي ته اِنهيءَ معاملي جي جاچ ڪري جوابدارن کي قرار سزا مان گذاريو وڃي جيڪڏهن اِئين نه ڪيو ويو ته ڪراچي يونيورسٽيءَ مان نفرت جي اُٿندڙ اِها چڻنگ ٻين ادارن تائين به پهچي سگهي ٿي جنهن سان نه فقط تعليم جو ماحول خراب ٿيندو، پر نفرتن ۾ به اضافو ٿيندو هيءَ ڳالهه اسان اِن بنياد تي به ڪري رهيا آهيون جو ماضيءَ ۾ جن واقعن کي معمولي سمجهي نظرانداز ڪيو ويندو رهيو آهي اُهي هڪ وقت ۾ شديد نفرتن جي صورت اختيار ڪري ويندا آهن هِن معاملي جي سنگينيءَ جو ادراڪ پڻ سيڪيورٽي ادارن جي اهم عهديدارن کي ضرور هُجڻ گهرجي هڪ حقيقت اِها به آهي ته ڪراچيءَ جي ڪيترن ئي ادارن کان اِها ڳالهه برداشت نه پئي ٿئي ته اُنهن ۾ سنڌي ڊپارٽمينٽ هجي جنهن جو هڪ مثال وفاقي يونيورسٽي ڪراچيءَ جو اهو قدم آهي جنهن ڪجهه سال اڳ سنڌيءَ ۾ ايم فل جي شاگردن کي داخلا کان جواب ڏئي ڇڏيو هو جنهن ڳالهه کي عبرت پنهنجن صفحن تي نمايان ڪري ڇاپيو هو ۽ اڳيان هلي اهو معاملو سنڌ اسيمبليءَ ۾ به بحث هيٺ آيو هو لڳ ڀڳ ساڳي صورتحال ڪراچي يونيورسٽيءَ جي به آهي اُتي پڻ سنڌي شعبي کي ختم ڪرڻ جون سازشون ٿي رهيون آهن جنهن ڳالهه جو سنڌ جي وڏي وزير، تعليم واري وزير سردار شاهه کي ضرور نوٽيس وٺڻ گهرجي ۽ اُتي پڙهندڙ سنڌي شاگردن کي مڪمل تحفظ مهيا ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ٻين ادارن ۾ اِن ڳالهه جو ردعمل شروع ٿيو ته اُن جا اُڳرا نتيجا نڪري سگهن ٿا. جا ڳالهه ڪنهن به ريت سنڌ جي امن توڙي تعليم لاءِ چڱي نه هوندي اسين اُميد ٿا ڪريون ته سنڌ سرڪار اِن معاملي ۾ ضرور تحرڪ وٺندي ۽ سنڌي شاگردن جي پوئيواري ڪري اُنهن کي تحفظ جو احساس ڏياريندي.

سرمد منصور

اڄوڪو ڏينهن ---- 10 جولاءِ

ساڌو ٽولراءِ شوقيرام

ساڌو ٽولراءِ غريبن جو همدرد، سخاوت جو پتلو ۽ ايماندار آفيسر هو هن جو جنم 10 جولاءِ 1848ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس والد ديوان شوقيرام حيدرآباد جي عامل پنچائت جو مُکي هو ساڌو ٽولراءِ بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪري ريوينيو کاتي ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو ۽ پنهنجي ايمانداريءَ ۽ محنت سان ترقي ڪري ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تائين پهتو هو پنهنجي ايمانداريءَ ۽ وقت جي پابنديءَ سبب پنهنجي کاتي جو مشهور آفيسر هو جيتوڻيڪ سندس واسطو هڪ سرندڙ واري خاندان سان هو پر هن کي هميشه غريب ۽ مظلوم ماڻهن جي مدد ڪرڻ جو اونو هوندو هو تنهن هوندي، جيڪا خرچي ملندي هئس سا غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو هن تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ به گرانقدر خدمتون سرانجام ڏنيون هن پنهنجي پاڻ ساڌو هيرانند سان گڏجي حيدرآباد ۾ هڪ عظيم الشان اڪيڊمي اسڪول قائم ڪيو جنهن کي اڄڪلهه "گورنمينٽ ٽولراءِ هيرانند هاءِ اسڪول" سڏيو وڃي ٿو ورهاڱي کان اڳ انهيءَ اسڪول جو شمار سنڌ جي انهتائي ساک وارن ادارن ۾ ٿيندو هو هن تيائين لاءِ به "شوقيرام چانڊومل گرلس اسڪول" جي نالي سان هڪ اسڪول قائم ڪيو هن پنهنجي دوستن سان گڏجي ڪيترين ئي سماج سڌارڪ تحريڪن ۾ حصو ورتو جنهن ۾ "شراب وڪرائڻ تي بندش واري تحريڪ"، "وياج خلاف تحريڪ" ۽ ٻيون تحريڪون شامل آهن هن جي ئي ڪوششن سان حيدرآباد ۾ ليڊي ڊفرن اسپتال قائم ٿي هن سنڌ ۾ برهمو سماج جو پايو وڌو ساڌو ٽولراءِ 22 نومبر 1893ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو.

واحد بخش ميرل

واحد بخش ميرل شڪارپور ضلعي جو مشهور سگهڙ هو هن 10 جولاءِ 1920ع تي لکي تعلقي جي مشهور ڳوٺ ٻورڙيءَ ۾ اکيون کوليون هن تنڌي هوندي ڪنهن به اسڪول ۾ تعليم حاصل نه ڪئي البته 30 سالن جي عمر ۾ سرڪار پاران قائم ڪيل تعليمِ بالغان پروگرام ۾ سال کن تعليم حاصل ڪري سنڌي ڪتاب پڙهڻ جي لائق بڻيو هن پنهنجي عمر جا سڄا سارا 20 سال خانپور ۾ گذاريا انهيءَ شهر ۾ سگهڙن جون ڪچهريون منعقد ٿينديون رهنديون هيون انهن ڪچهرين ۾ شرڪت سبب واحد بخش پاڻ به سگهڙ بڻجي ويو هن ڪيترائي ڏور بيت، ڇڄهارتون، سينگار بيت ۽ ڏوهيڙا وغيره تخليق ڪيا، جن کي سگهڙن جي حلقي ۾ سٺي مڃتا ملي سگهڙائپ ۾ آخوند جان محمد جانڻ سومرو ۽ اميربخش سومرو سندس استاد هئا هن 23 مارچ 1998ع تي هيءُ جهان ڇڏيو. افسوس جو سندس ڪلام ڇپجي نه سگهيو، البت سندس ڪلام جا ڪجهه نمونا پروفيسر محمد شريف شاد سومري پنهنجي ڪتاب "ادبي تاريخ تعلقي لکيءَ جي" ۾ شامل ڪيا آهن

پروفيسر بشير احمد قريشي


هيءُ پنهنجي دور جو نامور تعليمي ماهر، وڪيل ۽ ليکڪ هو هن 10 جولاءِ 1932ع تي حيدرآباد ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو. حيدرآباد جي مشهور تعليمي اداري نورمحمد هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين ۽ اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين ايل ايل بي جي سند پڻ حاصل ڪيائين. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪئي. ان بعد ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪري پروفيسر جي عهدي تائين پهتو. هن ڪجهه وقت حيدرآباد جي ڪاليج ڊائريڪٽوريٽ ۾ آفيسر آن اسپيشل ڊيوٽي طور پڻ ڪم ڪيو. ٿورو وقت وڪالت پڻ ڪيائين. ادبي دنيا ۾ هن کي هڪ مضمون نگار، سنڌيڪار ۽ مصنف طور ياد ڪيو وڃي ٿو هن مختلف تعليمي موضوعن تي مقالا لکيا ۽ ڪيترائي ڪتاب پڻ تصنيف ۽ ترجمو ڪيا. تاريخ 5 فيبروري 2001ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو.

پروفيسر گوپ روپچنداڻي

اڄوڪو ڏينهن هندستان جي مشهور تعليمي ماهر ۽ سماج سڌارڪ شخصيت پروفيسر گوپ روپچنداڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي پروفيسر گوپ جو جنم 10 جولاءِ 1933ع تي سنڌ جي مشهور شهر روهڙيءَ ۾ پريتمداس ڪيمچند روپچنداڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ سندس ڪٽنب روهڙيءَ کان روئي موڪلائي ٻڙودا ۾ ۽ پوءِ اندور ۾ سڪونت اختيار ڪئي بعد ۾ الهاس نگر جي ڪلياڻ ڪئمپ 4 ۾ وڃي آباد ٿيا. گوپ روپچنداڻي انهيءَ ئي ڪئمپ ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌو ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جي اسڪولن ۾ پڙهائڻ لڳو هو هڪ بهترين اداڪار به هو ۽ سنڌي ناٽڪن ۾ اداڪاري به ڪندو هو راڳ رنگ ۽ ڳائڻ سان به دلچسپي هئس هو پروفيسر رام پنجوانيءَ سان ڀڳت وجهندي خوب تجنئو ڳائيندو هو ايم اي ۽ ايم ايڊ جا امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ جئه هند ڪاليج ۾ هندي ٻوليءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو انهيءَ ڪاليج ۾ 31 سال پڙهائڻ کان پوءِ رٽائر ٿيو هو پونا بورڊ جو ميمبر هو ۽ نائين درجي کان ٻارهين درجي جا درسي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائين هو سنڌي ادبي سنگت الهاس نگر جو پنج سال صدر رهيو. هن الهاس نگر ۾ ٻلڪن جي ٻاريءَ جو بنياد وڌو ته جيئن قوم جي نونهالن کي فن، راڳ، اداڪاريءَ ۽ ادب جي سکيا ڏني سگهجي هو هڪ سٺو شاعر، نثر نويس ۽ ترجمي نگار هو سندس ڪتاب "ڪجهه گل ڪجهه ڪنڊا" سنڌي ادب ۾ اهم جڳهه والاري ٿو سندس گهرواري مينا روپچنداڻي به هڪ پروفيسر ۽ ليکڪا هئي پروفيسر گوپ روپچنداڻيءَ 12 جنوري 2007ع تي هن جهان مان موڪلايو.

م ر ن محزون

هن ناليواري اديب جو جنم 10 جولاءِ 1933ع تي دادو ضلعي جي شهر ميهڙ ۾ ٿيو سندس پورو نالو محمد نواز ولد شفيع محمد پٺي هو مشهور شاعر شمس الدين بلبل سندس نانو هو پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ان بعد ڪراچيءَ ۾ سنڌ مدرسي ۽ سنڌ مسلم ڪاليج ۾ پڙهيو اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين هن ايل ايل بي جي ڊگري به حاصل ڪئي عملي زندگيءَ جي شروعات فوج ۾ سيڪنڊ ليفٽيننٽ طور ڪيائين پر ٽريننگ دوران پير مٽي پوڻ ڪري اها نوڪري ڇڏڻي پيس ان بعد مختلف نوڪريون ڪيائين پر آخرڪار اهي سڀ نوڪريون ڇڏي ميهڙ جي هاءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ رٽائر ٿيڻ تائين اها نوڪري ڪيائين هن ادبي سفر جي شروعات شاعريءَ ۽ ڪهاڻين لکڻ سان ڪئي پر بعد ۾ سندس لاڙو تحقيق ۽ ترجمي طرف رهيو هو خليل جبران ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد کان گهڻو متاثر هو. خليل جبران جا اڪثر ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين هن جا 16 ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا، جن ۾ ترجما به شامل آهن هن 8 نومبر 1995ع تي وفات ڪئي




ٽانڪ رام اسراڻي


هن مشهور اديب، قانوندان ۽ صحافيءَ جو جنم 10 جولاءِ 1926ع تي شڪارپور ضلعي ۾ ميان جي ڳوٺ ۾ ٿيو ورهاڱي کان پوءِ اجمير ۾ وڃي اچهو لڏيائين هن بي اي، ايل ايل بي ۽ پي ايڇ ڊي (سوشل ويلفيئر) جون سندون حاصل ڪيون هن نه فقط هڪ مشهور قانوندان طور پنهنجو پاڻ ملهايو پر سنڌي ادب جي افق تي به هڪ روشن تاري وانگر چمڪندو رهيو هو 1991ع کان 1994ع تائين راجستان سنڌي اڪيڊميءَ جو چيئرمين رهيو ان کان علاوه آل انڊيا سنڌي سماج جو صدر پڻ رهيو. پاڻ مختلف سنڌي اخبارن جو ايڊيٽر پڻ رهيو. هن ٻارهن ڪتاب لکيا.

ڊاڪٽر نواز علي شوق

اڄ سنڌ جي برک اديب، محقق ۽ تعليمي ماهر ڊاڪٽر علي نواز شوق جي جنم جو ڏينهن آهي هن ناليواري ليکڪ 10 جولاءِ 1937ع تي ڪنڌڪوٽ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو هن مئٽرڪ جو امتحان 1956ع ۾ ڪنڌڪوٽ مان پاس ڪيو بي اي جو امتحان ممتاز ڪاليج خيرپور مان 1960ع ۾ پاس ڪيائين. جڏهن ته ايم اي (سنڌي) جي سند ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ۽ ايم اي (اردو) جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين اڳتي هلي پير حسام الدين راشديءَ جي رهنمائيءَ ۾ پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات اسلاميه ڪاليج سکر ۾ ليڪچرار طور ڪئي 1973ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو اڳتي هلي انهيءَ شعبي جي چيئرمين طور به ڪم ڪيائين ۽ 1997ع ۾ رٽائر ٿيو پاڻ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو چيئرمين پڻ رهيو 1998ع کان 2017ع تائين ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ۾ هڪ محقق ۽ پروفيسر طور خدمتون سرانجام ڏنائين پاڻ مهراڻ رسالي جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر پڻ رهيو هن اسڪول واري زماني کان ئي لکڻ شروع ڪيو هو ڪنڊڪوٽ ۾ قائم بزم مخلص جي مشاعرن ۾ باقاعدگيءَ سان شريڪ ٿيندو هو ڪراچي اچڻ بعد ٻارن لاءِ ڪهاڻيون ۽ گيت لکڻ شروع ڪيائين جيڪي سندس ڪتاب "گيتن جي گلزار" ۾ ڇپيل آهن ان بعد پير حسام الدين راشديءَ جي مشوري تي تحقيقي ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين هن 40 کان وڌيڪ ڪتاب لکي سنڌي ادبي خزاني کي مالامال ڪيو آهي



مختيار اثر



مير هزار خان بجاراڻي

اڄ مشهور سياستدان مير هزار خان بجاراڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن ناليواري سياستدان جو جنم 10 جولاءِ 1946ع تي ڪشمور ضلعي جي شهر ڪرمپور ۾ ٿيو هن مئٽرڪ جو امتحان سينٽ پيٽرڪس هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيو. ان بعد بي اي، ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) ۽ ايل ايل بي جون سندون ڪراچيءَ مان حاصل ڪيون سياسي طور تي ٺٺيڻ کان ئي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان واڳيل رهيو. 1974ع ۾ پنهنجي والد سردار نورمحمد بجاراڻيءَ جي وفات بعد پهريون ڀيرو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ راندين جي صوبائي وزير طور ڪم ڪيائين 1977ع وارين چونڊن ۾ هو ٻيهر سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو 1986ع کان 1988ع تائين پيپلز پارٽي سنڌ جو قائم مقام صدر رهيو. 1988ع ۾ سينيٽر منتخب ٿيو ۽ ساڳئي سال صحت، اسپيشل ايجوڪيشن سوشل ويلفيئر هائوسنگ ۽ ورڪس جو وفاقي وزير بڻيو 1990ع ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي وفاقي وزير طور ڪم ڪيائين 1990ع وارين چونڊن ۾ آزاد اميدوار طور قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. ڪيس پهريائين ريلوي جو وفاقي وزير ۽ بعد ۾ ڊفينس پراڊڪشن جو وفاقي وزير مقرر ڪيو ويو 1997ع ۽ 2002ع، 2008ع ۽ 2013ع وارين چونڊن ۾ به سوڀارو ٿيو ۽ مختلف وزارتن جا قلمدان سندس هٿ هيٺ رهيا. ٻهرين فيبروري 2018ع تي هن ۽ سندس گهرواريءَ جا لاش سندس پنهنجي گهر مان هٿ آيا. مير هزار خان به ڪتاب "Point of View" ۽ "Advocate of Democracy" لکيا.



ارم درس

ارم درس لاڙ جو مشهور شاعر آهي هن جو جنم 10 جولاءِ 1958ع تي سجاول ضلعي جي مشهور شهر دڙي ۾ ٿيو سندس والد جو نالو الهڏنو درس هو. هن تعليم ڪاتي ۾ چوڪيدار طور سرڪاري نوڪريءَ جي شروعات ڪئي بعد ۾ ساڳئي کاتي ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو هن 1975ع ڌاري شاعري شروع ڪئي شاعريءَ ۾ خانچند پرواز ڏڏائيءَ کان اصلاح وٺندو هو ڏڙي جي جن نوجوانن ملير پبليڪيشن ۽ شيرازي پبليڪيشن جو بنياد وڌو هو، ارم درس انهن مان هڪ هو هن جي شاعريءَ جو هڪ نمونو يوسف سنڌيءَ جي ڪتاب "پسي تنهنجي تجلي" ۾ پڙهي سگهجي ٿو.



پريداس سخاوترام تولاڻي

اڄ هند ۽ سنڌ جي مشهور ڪاروباري شخصيت ۽ تعليم دوست انسان پريداس سخاوترام تولاڻيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم 25 آگسٽ 1893ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو هو پنهنجي وقت جو تمام وڏو زميندار هو پريداس تولاڻي پنهنجي خيراتي ڪمن جي ڪري گهڻو مشهور هو هن سندس زمينن تي ڪم ڪندڙ هارين کي مفت ۾ زمين ڏني ۽ گڏوگڏ هنن کي گهر به ٺهرائي ڏنا هو لاڙڪاڻي ميونسپلٽيءَ جو سڄا سارا 28 سال چيئرمين رهيو انهيءَ عرصي ۾ هن لاڙڪاڻي ۾ ڪيترائي عام ڀلي جا ڪم ڪرايا هو لاڙڪاڻي ضلعي جي ڪانگريس ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري پڻ رهيو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هن هندستان وڃڻ کان انڪار ڪيو انهيءَ انڪار سبب مٿس ڪوڙا ڪيس ڪري ڪيس 100 ڏينهن تائين جيل ۾ بند ڪيو ويو ۽ انهيءَ شرط تي ڪيس آزاد ڪيو ويو ته هو سنڌ ڇڏي هندستان هليو ويندو آخرڪار 1949ع ۾ هو سنڌ ڇڏي هندستان جي ممبئي شهر ۾ وڃي رهيو هن هندستان ۾ اڻٿڪ محنت ڪري پنهنجي ڪاروبار کي سنڀاليو ۽ 1960ع ۾ "تولاڻي چيريٽيبل ٽرسٽ" جي نالي سان هڪ خيراتي ادارو کوليو 1969ع ۾ انهيءَ اداري جو نالو بدلائي تولاڻي فائونڊيشن رکيو ويو انهيءَ فائونڊيشن پاران هندستان جي مختلف شهرن ۾ ڪيترائي تعليمي ادارا قائم ڪيا ويا هن 10 جولاءِ 1988ع تي لاڏاڻو ڪيو.




معصوم سانگهڙائي

اڄ مشهور ليکڪ ۽ سماجي اڳواڻ معصوم سانگهڙائيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو اصلي نالو عبدالقادر ولد عبدالحميد مهر هو ۽ 16 فيبروري 1960ع تي پيرڳوٺ ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو هن پنهنجي حياتيءَ جا 42 سال سانگهڙ ۽ جهول ۾ گذاريا اچا هاءِ اسڪول جو شاگرد هو جڏهن ٻارڙن جي دنيا نالي رسالو جاري ڪيائين هو هڪ سچاڻ شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ناٽڪ نويس هو هن سانگهڙ جي ڪلچرل ۽ اسپورٽس آفيسر طور خدمتون سرانجام ڏنيون هن سانگهڙ ضلعي ۾ ڪيترائي ادبي ۽ ثقافتي ميلا منعقد ڪرايا هن 16 جولاءِ 2002ع تي جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ دم ڏئي حوالي ڪيو.



محمد جمن امر جماڻي ڏيپلائي

اڄ مشهور تعليمي ماهر ڪهاڻيڪار مقالا نگار ۽ شاعر امر جماڻي ڏيپلائيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي امر جماڻيءَ جو جنم 7 اپريل 1956ع تي ڏيپلي ۾ ٿيو هن جو اصل نالو محمد جمن ولد سڪيلڻو خان جماڻي آهي هن ايم اي ۽ بي ايڊ جون سندون حاصل ڪيون ۽ پهريائين جونيئر اسڪول ٽيچر ۽ بعد ۾ هاءِ اسڪول ٽيچر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي اڳتي هلي تعليم کاتي ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ سنڌ جي مختلف ڪاليجن ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين هن 1978ع ڌاري ٻارن لاءِ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. سندس پهريون ڪهاڻيون روزاني هلال پاڪستان ۽ گل ڦل رسالي ۾ ڇپيون هڪ شاعر طور سندس غزل، گيت، نظم ۽ نثري نظم مختلف رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻيا هو هڪ سٺو اسٽيج ڪمپيئر اداڪار ۽ هدايتڪار پڻ رهيو هن 10 جولاءِ 2020ع تي ٺٽي جاڻ محمد ۾ وفات ڪئي انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا هن جي وفات جي تاريخ 10 جولاءِ بجاءِ 11 جولاءِ لکي آهي



روزاني عبرت

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظيرآباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 211سال 2026

مسمات فرينه شاهه زال رڪيل شاهه رهندڙ محلہ غلام حيدر شاهه ڪالوني نوابشاهه. پلينٽف..بخلاف.. رڪيل شاهه ولد پيرل شاهه رهندڙ ديهه 80 نصرت نزد جلال پير تعلقو نوابشاهه 03032726434......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظيرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظيرآباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 175سال 2026

مسمات مير تاز ڌيءِ مهر خان شر رهندڙ ڳوٺ نصير خان شر رهندڙ پوليس اسٽيشن جام ڏاتار تعلقو دوڙ .. پلينٽف..بخلاف.. امام علي ولد نواز علي شر رهندڙ ڳوٺ نصير خان شر رهندڙ ڳوٺ نصير خان شر رهندڙ پوليس اسٽيشن جام ڏاتار تعلقو دوڙ .....ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 18-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ڄامشورو
(روبرو جناب عمران)
ايف سي سوٽ نمبر 66سال 2026

(1) سمير عرف ڄاڪرو خان راڄڙ ولد محمد خان راڄڙ رهندڙ محلہ بٽراج ڪالوني ڄامشورو معرفت پيءُ محمد خان راڄڙ .. پلينٽف..بخلاف.. (1) چيئرمين نادرا اسلام آباد (2) انچارج/ مينيجر نادرا ڪوٽڙي (3) سيڪريٽري ٽتريٽر اسلام آباد (4) سيڪريٽري BISE حيدرآباد (5) پرنسپال اقرا اڪيڊمي هائي اسڪول آر بي بي ڪالوني ڄامشورو (6) سيڪريٽري يو سي ڄامشورو (7) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.....ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس نمبر 7 ڏانهن:
جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج چنبڙ
گارڊين سوٽ نمبر 02سال 2026

مسمات فهميده زال نثار علي ذات منڊوائي رهندڙ ڳوٺ رسول بخش منڊوائي تعلقو چنبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار .. اپليڪينٽ..بخلاف.. (1). نثار احمد ولد محمد رمضان (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .....اپوننٽس (1) آصف ڌيءِ نثار احمد عمر 15 سال (2) علي شير ولد نثار احمد عمر 13 سال (3) صنم ڌيءِ نثار احمد عمر 10 سال (4) نيلم ڌيءِ نثار احمد عمر 09 سال. مائنر

.نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته

تاريخ پيدائش جي درستي

جئين ته منهنجي پٽ نالي جواد احمد ولد محمد حنيف جي تعليمي رڪارڊ ۾ غلطي سان تاريخ پيدائش 22-04-2005 لکجي ويئي آهي جنهن کي درست ڪري 22-04-2006 لکيو ۽ پڙهيو وڃي

محمد حنيف ولد محمد رمضان رهندڙ گهرنمبر 28-B قائد اعظم ڪالوني يونٽ نمبر 10 لطيف آباد حيدرآباد

عام اطلاع

جئين ته درخواستگذار نالي محمد انس ولد عبدالحميد ميمڻ وينل ڳوٺ ميمڻ محلہ خيبر تعلقو ضلعو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي عبدالحميد ولد ولي محمد تاريخ 13-10-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه سيڪات ٽپو سيڪات تعلقو مٽياري ۾ آهي جن جو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. (1) محمد انس ميمڻ (پٽ) (2) محمد حسان ميمڻ (پٽ) (3) محمد سلمان ميمڻ (پٽ) (4) مسمات شبانه ميمڻ (بيواهه) درخواستگذار جو وڪيل چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد/ والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) عثمان ولد عبدالعليم ميمڻ (2) انيس احمد ولد عبدالعزيز جن ڳوٺ ڪيبر ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جئين ته درخواستگذار نالي ساجد حسين ولد الطاف حسين لغاري وينل ٽنڊو ڄام اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي الطاف حسين ولد غلام محمد لغاري تاريخ 07-05-2021 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه

زرداري جي سرپرستي ۾ مختلف ڳوٺن ۾ منشيات جو ڪڏو ڪاروبار سرعام هلي رهيو آهي جڏهن ته اسان کي به زبردستي منشيات وڪرو ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وڌو پيو وڃي اسان مال جا واپاري مزدور ۽ پورهيت ماڻهو آهيون اسان پاران منشيات وڪرو ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ تي اسان جي مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪيو پيو وڃي هنن چيو ته ايس ايس پي مٽياري ۽ بين حيدرآباد، لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته ڄاڻايل

هالا فتح پور شاخ ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگارن جو احتجاج

ايس ڊي او آبپاشي ۽ عملو حصي جو پاڻي پئسن عيوض وڪرو ڪن پيا:مظاهرين

شاخ جي پڇڙيءَ وارن آبادگارن جون زمينون سڪي بنجر بڻجي ويون آهن

هالا (ت ر) فتح پور شاخ ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگارن جو احتجاج، ايس ڊي او آبپاشي تي پاڻي وڪرو ڪرڻ جا الزام. هالا جي فتح پور شاخ ۾ پاڻي جي شديد کوٽ خلاف آبادگارن پير بلاولي وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ آبپاشي کاتي جي عملدارن خلاف سخت نعريبازي ڪئي. آبادگارن ربڏنو وڌيان اياز ميمڻ رشيد ڏيگو ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاج ڪيو ويو بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5



هالا: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر ليبر ڪالوني ۾ انتظاميا جي لاپرواهي سبب گندگي جا ڍير لڳل، رهواسين پاران نوٽيس جو مطالبو

سکر(بيورو رپورٽ) انتظاميا ۽ لاڳاپيل کاتن جي بي حسي ۽ لاپرواهي جي ڪري، ليبر ڪالوني جي 1024 فليٽن جي رهواسين جو جيئڻ آزار بڻجي ويو بلدياتي ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ . هزارين ماڻهن جي آبادي واري هن آباد ڪالوني بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

چيلهار ۾ پوليس ڪارروائي، ٻه منشيات فروش گرفتار

چيلهار (ن ع) چيلهار ۾ مقرر ٿيل ايس ايڇ او ذوالفقار حيدري جنجهيٽر چيڪ پوسٽ تي چيڪنگ دوران ٻن منشيات فروشن پوسون ولد جٺو سنگهه ٺڪر ۽ ڊرائيور پراڳو ولد سخي ڀيل جيڪي عمرڪوٽ ضلعي جي ماڏل جا رهواسي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ويجهو هٿياربندن يونيورسٽي جي شاگرد کي تشدد بعد ڳلو ڪپي قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ جهنگو ۾ نامعلوم جوابدار 25 ورهين جي الله ڏنو ولد ڪريم حسين وساڻ کي قتل ڪري فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ ولي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

گمبٽ (رپورٽ مريد ڪانوري) گمبٽ لڳ ڪنب جي علائقي ڳوٺ جهنگو ۾ نامعلوم جوبدارن پاران يونيورسٽي جي نوجوان شاگرد 25 سالا الله ڏنو ولد ڪريم حسين وساڻ کي تشدد بعد ڳلو ڪپي قتل ڪري فرار ٿي ويا بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5



گمبٽ: ڳلو ڪپيل نوجوان جو لاش پيل آهي

بلڙي شاهه ڪريم ۾ پچڙ جي آبادگارن جو پاڻي کوٽ خلاف احتجاج

مڍي جا آبادگار اسان جي حصي جو پاڻي چوري ڪري رهيا آهن: مظاهرين

اسان جا فصل سڪن پيا، بااثرن خلاف قدم کڻي اسان کي پاڻي ڏئي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي

بلڙي شاهه ڪريم (ت ر) بلڙي شاهه ڪريم جي ڊير شورڪي جي ماٺڪ واهه جي سوين آبادگارن جو سٺن مهينن کان پوچڙ ۾ پاڻي نه اچڻ خلاف خدا ڏنو لاشاري ماستر خير محمد لاشاري جي اڳواڻي ۾ شاخ جي پوچڙ ۾ سخت احتجاج ۽ نعري بازي . ان موقعي تي آبادگارن ڏانهيندي چيو ته مڍي جا آبادگار هڪ ته ڪاٺي به نه ٿا ڪٽن ته ٻي طرف اسان جي حصي جو پاڻي چوري ڪن بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان جي ٽالپر ڪالوني ۾ پيئڻ جو پاڻي بند، رهواسين جو احتجاج

واٽرسپلائي ذريعي پيئڻ جو پاڻي اينڊو هو اهو به بند ڪيو ويو آهي: مظاهرين

ميونسپل انتظاميه ۽ چونڊيل نمائندا ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهن، نوٽيس ورتو وڃي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي ٽالپر ڪالوني ۾ گذريل ڪيترن ئي هفتن کان پيئڻ جو پاڻي بند ٿيڻ ڪري علائقي واسي سخت پريشاني ۾ مبتلا مسجدن ۾ نمازي وضو ڪرڻ لاءِ پريشان ٽالپر ڪالوني جي رهواسين جو احتجاج خبر موجب ٽنڊو محمد خان شهر جي گنجيل آبادي وارو علائقو ٽالپر ڪالوني ۾ پيئڻ جي پاڻي جي شديد شديد کوٽ ٽنڊڙا ٻار بزرگن ۽ عورتن ميڊيا اڳيان ڏانهيندي چيو ته گذريل ڪيترن هفتن کان اسان جي پوري ٽالپر بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

سيتارجا مان اغوا ٿيل آصف مغل جي بازيابي لاءِ بڪ هڙتال واري ڪيمپ 43 ڏينهن جاري

سيتارجا (ن ع) سيتارجا شهر جي حسين آباد پاڙي مان مبينا طور اغوا ٿي ويل نينگري آصف مغل جي اغوا واقعي کي 5 مهينا 7 ڏينهن گذرڻ باوجود بازياب نه ٿي سگهي آهي جنهن عمل خلاف نينگري جي وارثن ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن پاران شروع ڪيل احتجاجي بک بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ ويگن جي موٽرسائيڪل کي ٽڪر لڳڻ سبب چاچو ۽ ڀائيٽو ٿڌي تي فوت

اولڊ نيشنل هاءِ وي روڊ تي پيش آيل حادثي ۾ جنسار علي ۽ امام ڏنو راڄڙ ٿڌي تي فوت ٿي ويا

پوليس پهچي لاش کي تحويل ۾ وٺي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

گمبٽ (رپورٽ مريد حسين ڪانوري) گمبٽ پرسان اولڊ نيشنل هاءِ وي روڊ تي تيز رفتار ويگن جي ٽڪر لڳڻ سبب موٽر سائيڪل سوار چاچو ۽ ڀائيٽو جنسار علي راڄڙ ۽ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

پنگريو ۾ گهر ۾ گهڙي تشدد ڪندڙ جوابدارن خلاف احتجاجي مظاهرو

سوشل ورڪر ۽ سندس ساڻي گهر ۾ گهڙي زال ۽ ننڍڙي تي تشدد ڪيو:عبدالرزاق

ٻڪري چوري جو ويڊيو ثبوت پيل آهي، نه ڏيڻ تي ڌمڪيون پڻ ڏنيون، نوٽيس ورتو وڃي

پنگريو (ن ع) پنگريو پرسان ڳوٺ عثمان چانڊيو واسي عبدالرزاق چانڊيو ۽ سندس زال ڪوثر چانڊيو ٻن معصوم ٻارن روئيلا چانڊيو ۽ علي رضا چانڊيو سميت پريس ڪلب پهچي صحافين اڳيان ڏانهيندي چيو بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد/ڪراچي: ماڻهو پاڻي جي کوٽ سبب نلڪن تان پاڻي ڀري رهيا آهن

گولاڙچي ۾ پاڻي جي شديد کوٽ خلاف آبادگارن جو احتجاجي ڌرڻو روڊ بلاڪ

ڪيرسري شاخ جي سوين آبادگارن ڪورواهه-گولاڙچي روڊ تي ڌرڻو هڻي بند ڪري ڇڏيو، ٽريفڪ معطل

پاڻي نه ملڻ سبب هزارين ايڪڙن تي پوکيل فصل تباهي ٿي رهيو آهي، لکين رپين جي نقصان پيو ٿي:مظاهرين

آبادگارن جي ايم اين اي حاجي رسول بخش چانڊيو سان ملاقات، پاڻي جي فراهمي لاءِ فوري قدم کڻڻ جي خاطري

گولاڙچي(ت ر) گولاڙچي تعلقي ۾ آبپاشي جي پاڻي جي شديد کوٽ خلاف ڪيرسري شاخ جي سوين آبادگارن جو ڪورواهه-گولاڙچي روڊ بند ڪري سخت احتجاج ڪيو احتجاج جي اڳواڻي غلام حسين جت، غلام شبير پنگوان غلام حسين کوسو ۽ علي شير جت ڪئي احتجاج سبب روڊ جي ٻنهي پاسن تي ٽريفڪ معطل ٿي وئي ۽ مسافرن کي سخت بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو لڳ غربت ۽ معاشي پريشانين تنگ ٿي ڳوٺاڻي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ راڻول گهانگهرو واسي 40 ورهين جي اڪبر گهانگهرو صدا واهه ۾ ٽپو ڏئي ڇڏيو

اطلاع تي وارثن پهچي مقامي ڌوين جي مدد سان لاش ڪڍيو گهر اندر ته ڪهرام مچي ويو

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو پرسان روهڙي ڪينال جي صدا واهه ۾ ڳوٺ راڻول گهانگهرو جو رهواسي 40 ورهين بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5



ڄامشورو: وومين پروٽيڪشن سيل جي انچارج قرت العين شاهه جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

ٽنڊوآدم ويجهو هٿياربند ڳوٺاڻي کان موٽرسائيڪل، روڪ رقم ۽ سامان ڦري ويا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ قيصر ڳهوٽ وٽ ڪن نامعلوم هٿياربندن حيات ملڪ کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي ڪائنس موٽر سائيڪل 50 هزار روپيه روڪ ۽ 2 موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا متاثر شخص حيات ملڪ ٻڌايو ته ڦر دوران هٿياربندن ڪيس تشدد جو نشانو پڻ بڻايو بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

جي سي يو حيدرآباد ۾ ليڪچررز ڀرتي لاءِ تحريري امتحان، 1434 اميدوارن جي شرڪت

يونيورسٽي طرفان 11 تعليمي شعبن ۾ بي پي ايس 17 جي آسامين لاءِ شفاف طريقي سان امتحان منعقد

ڀرتي جي مڪمل عمل کي پنهنجي انتظامي صلاحيتن سان مڪمل ڪرڻ يونيورسٽي لاءِ اهم سنگ ميل قرار

وائس چانسلر ڊاڪٽر معظم علي خان جي قيادت ۾ ميرٽ ۽ شفافيت کي يقيني بڻائڻ جو عزم ظاهر

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي (جي سي يو) حيدرآباد طرفان شفافيت، ميرٽ ۽ انتظامي خودمختياري کي يقيني بڻائيندي ليڪچررز (بي پي ايس 17) جي ڀرتي لاءِ تحريري امتحان ڪاميابي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5



لاهور: هڪ ناري شاگرديائي خطاطي ڪري رهي آهي

حيدرآباد جي الواحد ٽائون ۾ گٽر اٿلي پيا، رهواسي عذاب ۾ مبتلا

قاسم آباد واري علائقي ۾ صفائي جو نظام درهم برهم، گهٽين ۽ رستن تي گندو پاڻي بيٺل

گٽر لائينن جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي ٺيڪيدار غائب، مهينن کان رهواسي مسئلن کي منهن ڏيڻ لڳا

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي قاسم آباد واري علائقي الواحد ٽائون ۾ گٽرن جا نالا اٿلي پيا آهن جڏهن ته صفائي ستٿرائي جو ڪوبه انتظام نظر نٿو اچي جنهن سبب علائقي رهواسي سخت پريشاني بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ موٽرسائيڪل تي ويندڙ عورت جون رڙيون، پوليس بچائي ورتو

عدالتي پرٽي بعد راجوٽي ذريعي وارثن حوالي ڪيو ويو آهي: ثميره انڍڙ

والد سائي انڍڙ پوسن عيوض شادي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انصاف ڪيو وڃي

پنوعاقل(ن ع) سٽي پوليس طرفان ٻڌايو ويو آهي ڪجهه اطلاع تي ڪارروائي ڪري عورت کي بچائي ورتو آهي هتي وڏيڪ ٻڌايو ته گشت دوران موٽرسائيڪل تي ويندڙ عورت مدد لاءِ ڏانهون ڪيون جنهن تي اهلڪارن فوري طور موٽرسائيڪل کي روڪي عورت کي تحفظ فراهم ڪري بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۽ ڀرپاسي بدامني تي ضابطو نه آيو، هڪ ڏينهن ۾ ٻه موٽر سائيڪل ۽ لک رپيا روڪ رقم ڦر

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ شهر ۾ ڌوهن چورين ڦرن تي ضابطو نه اچي سگهيو هڪ ڏينهن ۾ ٻه موٽر سائيڪل ۽ هڪ لک ڪيش رقم ڦر گمبٽ شهر جي مشهور ثمرا اسڪول پرسان گمبٽ ڪهڙا لنڪ روڊ تان حبيب الله بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران شاعر خليفي نبي بخش قاسم جي حوالي سان آن لائن مذاڪرو

خليفي نبي بخش قاسم جي شاعري سنڌ جي سونهن، بهادري ۽ تاريخ جو عڪس آهي: قادر بخش مگسي

خليفي نبي بخش لطيف جي شاعريءَ کان متاثر ۽ ڪيترين ٻولين جو ڄاڻو هو: ڊاڪٽر شير مهراڻي

خليفي نبي بخش جو دور سنڌ لاءِ فيصلائتو دور هو، هن سنڌ ۾ وڳوڙ ۽ ولوڙ جي تاريخ کي محفوظ ڪيو

حيدرآباد(رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌي ٻوليءَ جي وڏي شاعر خليفي نبي بخش قاسم جي حوالي سان آن لائن مذاڪرو ڪيو ويو مذاڪري ۾ ڳالهائيندي خليفي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5



گلاب لغاري: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

گلاب لغاري ۾ پ پ ڪارڪنن جو نوڪرين ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف احتجاج

گلاب لغاري (ن ع) گلاب لغاري شهر ۽ يوسي اي ڊي سريوال جي پ پ ڪارڪنن پاران اسماعيل جوڳي ڪامريڊ علي بخش لغاري ۽ عبدالرشيد لغاري جي اڳواڻي ۾ ضلع بدين اندر هڪ کان چار گريڊ جي نوڪرين ۾ پارٽي اڳواڻن ۽ چونڊيل نمائندن پاران ڪين نظرانداز ڪرڻ خلاف شهر جي اچانڪ چوڪ وٽ هڙتال ۾ مطالبن جي مڃتا بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5



بدين:ڪم جي جاءِ تي حراساني واري قانون جي حوالي سان تربيتي ورڪشاپ ٿي رهيو آهي

بلڙي شاهه ڪريم ۾ پٽ سان اجتماعي بدفعلي ۽ تشدد خلاف والدين جو احتجاج

موبائل چوري جي الزام هيٺ پٽ اسماعيل يرغمال ڪري بدفعلي ۽ تشدد جو نشانو بڻايو

جوابدارن پٽ جي نازڪ عضوي ۾ مرچ وجهي تشدد ڪيو، پوليس ڪيس داخل نٿي ڪري:منير انعامي

بلڙي شاهه ڪريم(ت ر) بلڙي شاهه ڪريم پرسان ڳوٺ اسماعيل ساهڙ ۾ هڪ مسڪين اسماعيل انعامي کي موبائل چوري جي الزام ۾ چئن همراهن پاران اجتماعي زنا بعد نازڪ عضوي ۾ مرچ وجهي مٿس سخت تشدد ڪري ٻاهر ڦٽو ڪيو ويو . متاثره نيم چريئي اسماعيل انعامي جي امڙ بچائي انعامي ۽ والد پيرسن منير انعامي ڏانهيندي چيو ته هڪ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد جي صحافي کي حراسان ڪرڻ واري معاملي جي جاچ شروع

صحافي سيد مرادعلي شاهه ايس پي هيڊڪوارٽر وٽ پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائي ڇڏيو

ايس ايس پي شاهزيب چاچڙ پريس ڪلب پهچي معاملي جي شفاف جاچ جي خاطري ڪرائي

ڏوهه ثابت ٿيڻ تي منهنجي خلاف به ڪارروائي ڪئي وڃي اهلڪار ڏوهاري ثابت ٿيا ته سزا ڏني وڃي:مراد علي شاهه

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد جي سينئرصحافي سيد مرادعلي شاهه بڪيرائي سان رپورٽنگ دوران حيدرآباد پوليس جي اهلڪارن طرفان حراسان ڪرڻ ۽ بدسلوڪي واري معاملي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي هيڊڪوارٽر وٽ پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائي ڇڏيو ايس ايس پي حيدرآباد شاهزيب چاچڙ حيدرآباد پريس ڪلب پهچي پريس ڪلب جي صدر ... ۽ سيڪريٽري ... سيد مرادعلي شاهه سان ملاقات بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ سي آءِ اي پوليس جي مبينا منشيات فروشن جي زيادتين خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

اهلڪار علي گل زرداري ۽ پوليس منشيات فروشي جا ڪوڙا الزام هڻي بليڪ ميل ڪن پيا

اسان کي ٻه زبردستي منشيات وڪرو ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وڌو پيو وڃي، نوٽيس ورتو وڃي

هالا (ت ر) هالا جي ڳوٺ يوسف انڙ جي رهواسي ڳوٺاڻن پاران سي آءِ اي پوليس جي اهلڪار علي گل زرداري ۽ ٻين خلاف پريس ڪلب ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ... مختلف منشيات فروشي جي ڪوڙن الزامن ۾ بليڪ ميل ڪيو پيو وڃي جنهن تي اهلڪار علي گل بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5



ٺٽو: نيشنل لابنگ ڊيليگيشن جي ميمبرن ڪملا ٻائي ۽ پشپا ڪماري کي نيشنل پريس ڪلب ٺٽي ۾ اوڊاڻيو ڊنيون پيون وڃن

ٻيرلو ۾ پريا ڪماري، اجالا سولنگي ۽ ٻين مغوي جي بازيابيءَ لاءِ 13 هين ڏينهن ڌرڻو جاري

سنڌيائي تحريڪ اڳواڻن شمشاد ڀيڙ، پارس پٽي ۽ ٻين شرڪت ڪري يڪجهتي جو اظهار ڪيو

ٻارڙن جي بازيابيءَ لاءِ جوڙيل جي آئي ٽي صرف ڪاغذي ڪارروائي آهي عملي طور ڪو به تحرڪ نه پيو

انساني حقن جي تنظيمن، سياسي ۽ سماجي ڌرين ٻارڙن جي بازيابيءَ لاءِ اڳتي اچي ڀرپور آواز اٿارين

سکر (بيورو رپورٽ) ٻيرلو ۾ سنڌ جي معصوم ٻارڙن پريا ڪماري، اجالا سولنگي ۽ ٻين 16 مغوي ٻارن جي بازيابيءَ لاءِ لڳل احتجاجي ڌرڻي کي 13 ڏينهن گذري ويا آهن سنڌيائي تحريڪ ضلعي سکر جي اڳواڻن ادي شمشاد ڀيڙ ادي پارس پٽي، ادي شاهده ميراڻي، ادي درياهه نور ڀيڙ ۽ ٻين بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ مستحق عورتن پنڌرهن سئو ڪٽوتي خلاف بيوه جو احتجاج

عورت روئيندي صحافين کي ڏانهن ڏني ته 15 تي ڪال ڪري پوليس گهرائي وئي

پوليس پهچي عورت، دڪاندار ۽ ماڻهن جا بيان وٺڻ بعد جاچ شروع ڪري ڏني

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي نيو پنڊ واري علائقي جي اعوان چوڪ ۾ قائم حسين ڪميونيڪيشن تي ان وقت جذباتي منظر ڏسڻ ۾ آيا، جڏهن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) جي هڪ غريب بيواهه عورت روئيندي دڪان تي پهچي سوال ڪيو ته سندس 14 هزار 500 رپين واري بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5



ڄامشورو: شهرين پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڏري ميرواهه پرسان مختلف حادثن ۽ واقعن ۾ ٻه ڄڻا فوت

سوئي گيس اسٽاپ وٽ بس ۽ چنگچي ۾ ٽڪر سبب واجد پنهيار فوت ٿي ويو

ميرواهه ڪڻان مان45 ورهين جي مولا بخش سيال جو تشدد ٿيل لاش هٿ آيو

پوليس ٻنهي جا لاش ڪڻائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

ڏري ميرواهه (رپورٽ گلاب سهتو)ڏري ميرواهه پرسان مختلف واقعن ۾ ٻه ڄڻا فوت ٿي ويا پهرئين واقعي ۾ مهراڻ نيشنل هاءِ وي تي سوئي گيس اسٽاپ ويجهو تيز رفتار بس برف سان ڀريل چنگچي رڪشي کي زور سان ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ بوڏدار وڏا واسي نوجوان رڪشا ڊرائيور واجد پنهيار موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته حادثي ڪانپو بس جو ڊرائيور فرار ٿيڻ ۾ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۽ ڀرپاسي ۾ شديد گرمي باوجود بجلي جي بدترين لوڊ شيڊنگ، عوام پريشان

ايم اين اي ملڪ اسد ۽ ايم پي اي ڊاڪٽر سڪندر شورو پاران آواز اٿارڻ باوجود بجلي بحران برقرار

عوام سميت ڪاروباري طبقو سخت پريشان، شهرين پاران احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو عندياءُ

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي ۽ سائيٽ ڪوٽڙي جي مختلف علائقن ۾ شديد گرمي دوران بجلي جي بدترين لوڊ شيڊنگ سبب عوام سخت اذيت ۽ پريشاني کي منهن ڏيئي رهيو آهي جڏهن ته ان سلسلي ۾ ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر پاران قومي اسيمبلي ۾ آواز اٿارڻ ۽ ايم پي اي ڊاڪٽر سڪندر علي شورو پاران حيسڪو چيف سان ملاقات ڪري ڪيس غير اعلانيا لوڊ شيڊنگ سبب بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

واپارين جي جان ۽ مال جي حفاظت اولين ترجيح سمجهون ٿا: ڊي ايس پي نوري آباد

ڊي ايس پي ڪليم الله سومرو ۽ ايس ايڇ او واپارين جي صدر ضياءُ الرحمان سان ملاقات ڪئي

ڏوهارين خلاف ڪارروائي جاري رهندي، شڪي سرگرمي يا ناخوشگوار واقعي جو فوري اطلاع ڏنو وڃي

نوري آباد (ن ع) ڊي ايس پي نوري آباد ڪليم الله سومرو ۽ ايس ايڇ او نوري آباد غلام حسين ڪورائي نوري آباد ٽريڊ ايسوسيئيشن جي صدر ضياءُ الرحمان سان ملاقات ڪئي ايس ايس پي ڄامشورو جي هدايتن جي روشني ۾ ڊي ايس پي نوري آباد ڪليم الله سومرو ۽ ايس ايڇ او نوري آباد غلام حسين ڪورائي نوري آباد ٽريڊ ايسوسيئيشن جي صدر ضياءُ الرحمان سان بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سيتارجا جي صحافي شوڪت علي سولنگي جي گهران چوري واپس نه ٿي، احتجاج

صحافين حسين بخش ڪهر، صوفي ياسين راڄپر، عبدالرحيم سولنگي ۽ ٻين جو احتجاج

چوري واپس نه ڪرائي ته سيتارجا ٿاڻي ۽ ايس ايس پي خيرپور آفيس اڳيان ڌرڻو هڻنداسين

سيتارجا(ن ع) سيتارجا ۾ ڌوهن تي ڪنٽرول نه ٿيڻ ڦرون ڌاڙا ،چوريون روز جو معمول بڻيل صحافي شوڪت علي سولنگي جي گهر مان 18 لک روپين جي چوري واري واردات کي 20 ڏينهن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود پوليس طرفان جوابدارن جي گرفتاري يا ڪيس ۾ ڪا به اڳڀرائي نه ٿيڻ خلاف صحافين، شهرين ۽ سماجي اڳواڻن نيشنل پريس ڪلب ڪان بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5



سيتارجا: صحافي بدامني خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور ۾ ڳوٺاڻن جو بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ڳوٺ حاجي الله بخش کهوڙ واسين نور بانو اسلام الدين ۽ ٻين احتجاج ڪيو

بااثر زمين تي قبضي لاءِ گهر کي باهه ڏئي ساڙيو آهي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

خيرپور (ڊ ر)خيرپور لڳ زمين جي مالڪي تان بااثر جو گهر تي حملو مبينا گهر کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو مظاهرو ڌرڻو تفصيل بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ميونسپل انتظاميا جي نااهلي، هڪ هفتي کان مين گٽر نالو بند، گندو پاڻي روڊن ۽ گهٽين ۾ ڪاهي پيو

سڪندرآباد ڪالوني ۾ مين نالو بند هجڻ سبب رهواسي عذاب ۾ اچي ويا، ڪاروهنوار متاثر

گندو پاڻي روڊن ۽ گهٽين ۾ بيٺل هجڻ سبب علائقي ۾ وبائي بيمارين پکڙجڻ جو خدشو، انتظاميا تماشائي بڻيل

رهواسين عبدالحميد خان عابد ڪوريجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج، فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ: نعيم اختر سومرو) ميونسپل ڪاميٽي ڪوٽڙي جي انتظامي نااهلي سبب سڪندرآباد ڪالوني جا رهواسي گذريل اٺن ڏينهن کان سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن جنهن بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ "ڪم واري هنڌ تي عورتن کي هراسان ڪرڻ کان تحفظ" بابت آگاهي سيمينار

خاموشي ٽوڙڻ هراساني جي خاتمي ڏانهن پهريون ۽ سڀ کان اهم قدم آهي: جج سليم رضا بلوچ

هن قانون جو بنيادي مقصد عورتن کي پرامن ۽ محفوظ ماحول ۾ پنهنجيون ذميواريون سرانجام ڏيڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ آهي

قانون شڪايت ڪندڙ جي سڃاڻپ کي رازداري رکڻ سان گڏ، ان خلاف ڪنهن به قسم جي انتقامي ڪارروائي کان مڪمل تحفظ فراهم ڪري ٿو

بدين (ڊ ر) صوبائي محتسب سنڌ جي ريجنل آفيس پاران انڊس اسپتال اينڊ هيلٿ نيٽ ورڪ بدين ڪيمپس ۾ "ڪم واري هنڌ تي عورتن کي هراسان ڪرڻ کان تحفظ (ايڪٽ IV آف 2010)" بابت هڪ بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5



ڪنڊ ڪوٽ: زخمي ٻارڙو گٽر جي پڙ ۾ پيل آهي

ڪنڊڪوٽ لڳ بجلي جي تار ڪرڻ سبب نينگر سڙي زخمي، اسپتال منتقل

ڪنڊ ڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊ ڪوٽ ڊگري ڪاليج روڊ تي 11 هزار وولٽ جي بجلي جي تار ڪرڻ سبب راند ڪندڙ ٻاڙي جو ڏهه ورهين جو ٻار رحيم بخش ميراڻي سڙي زخمي ٿي پيو تار ڪرڻ بعد بجلي هجڻ ڪري ٻار ڪجهه وقت واقعي واري هنڌ تي زخمي حالت ۾ پيل رهيو شهرين پاران سيپڪو انتظاميا کي اطلاع ڏنو ويو بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

راڻيپور ۾ هٿياربندن جي دڪان تي ڪاهه، روڪ رقم ڦر، اين سي داخل

راڻيپور (ن ع) راڻي پور ۾ ٿاڻي واري گهٽيءَ مان شجاع فوٽو اسٽيٽ دڪان تي دڪاندار مالڪ ظفر وساڻ جي پٽ فرحان حيدر موجود هو ته موٽر سائيڪل تي سوار ٻه نامعلوم هٿياربند جوابدار اتي پهتا ۽ هٿيارن جي زور تي ڪيس يرغمال بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ واهه ۾ وهنجندي 17 ورهين جو نوجوان ٻڏي فوت

ريسڪيو ٽيم ۽ مقامي غوطن جي مدد سان بلاول جو لاش واهه مان ڪڍيو ويو

ضروري قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي، گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي ٽنڊو فضل روڊ پرسان چينل واهه ۾ وهنجندي ڳوٺ بخشو ٻڙي جي رهواسي 17 ورهين جو نوجوان بلاول ٻڙي ٻڏي فوت ٿي ويو واقعي جي اطلاع بعد پي سيڪشن پوليس ۽ سفٽ ريسڪيو ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي مقامي غوطن جي مدد سان نوجوان جو لاش کي واهه مان ڪڍي چنگچي رڪشا ذريعي اسپتال منتقل ڪيو ضروري بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

خانپور مهر پرسان واهه ۾ ٻڏي نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ لوهي ۾ مبينا مرگي جي بيماري ۾ مبتلا نويد پٽي واهه ۾ ٻڏي ويو

نوجوان کي وارث کڻي اسپتال پهتا ته ڊاڪٽرن فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي

خانپورمهر (ن ع) خانپور مهر پرسان ڳوٺ لوهي ۾ واهه ۾ ٻڏي هڪ نوجوان فوت ٿي ويو فوتي جي سڃاڻپ نويد پٽي طور ٿي آهي. مليل ڄاڻ موجب نوجوان کي واهه مان ڪڍي سندس وارث فوري طور خانپور مهر جي هڪ خانگي اسپتال منتقل ڪري آيا، جتي ڊاڪٽرن معائني بعد سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي ضروري ڪارروائي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5



خانپورمهر: فوتي شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ٺٽي ۾ هندو ڌرم جي نيشنل لابنگ وفد جي هندو پنچائت جي اڳواڻن سان گڏجاڻي

هندو ڌرم ۾ قانوني تورڙي مذهبي ۽ معاشرتي لحاظ کان برابري ۾ عورتن کي ڪڏهن حصو نٿو ڏياريو وڃي:جٺ پرڪاش

مسلمانن جي مذهبي ۽ قانوني حصيداري واري نظام جهڙو هندو ڌرم جو هڪ نئون قانون پاس ڪرائڻ لاءِ ڪوششون وٺي رهيا آهيون: ڪرشن شرما

هن قانون ذريعي هندن جي عورتن کي سندن بنيادي حق خاص طور تي والدين جي ملڪيت جي حصي مان برابري جا حق ملي سگهندا:پشپا ڪماري

ٺٽو (ڊ ر) سنڌ ۾ اقليتي برادري سان تعلق رکندڙ هندن کي سندن مائٽن جي وراثت مان برابر جو حصو ڏيارڻ لاءِ قانونسازي خاطر نيشنل پريس ڪلب ٺٽو ۾ هندو ڌرم جي نيشنل لابنگ وفد پهچي هندو پنچائت بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ميهڙ گمس ۾ ڊاڪٽر جي بدسلوڪي خلاف صحافين جو احتجاج

ايمرجنسي وارڊ ۾ ڊاڪٽر مريض جي وارثن ۽ صحافي سان اڻڻگي رويو رکيو:قلم ڏٺي

اربين رپين جي خرچ باوجود عوام کي گهربل طبي سهولتون نه پيون ملن

ميهڙ (ن ع) آزاد سنڌ مهراڻ صحافي اتحاد ميهڙ طرفان هنگامي اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن ۾ تعلقا اسپتال گمس ميهڙ جي ايمرجنسي وارڊ ۾ پيش آيل واقعي تي سخت ردعمل ڏنو ويو. اجلاس ۾ چيو ويو ته ايمرجنسي وارڊ جي شفٽ انچارج ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ مگسي پاران مريض جي وارثن مهراڻ پريس ڪلب ميهڙ جي صدر ۽ آزاد سنڌ مهراڻ صحافي اتحاد ميهڙ جي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

عوامي شڪايتن تي چمبڙ ٿاڻي جو ايس ايڇ او بدلي سندس جاءِ تي شڪيل احمد جت مقرر

چمبڙ (ن ع) چمبڙ ٿاڻي تي عوامي شڪايتن تي ڪارروائي ايس ايڇ او چمبڙ وحيد پنهور بدلي چمبڙ ٿاڻي تي عوامي شڪايتن تي ڪارروائي ايس ايڇ او چمبڙ وحيد پنهور بدلي سندس جاءِ تي شڪيل احمد جت چمبڙ ٿاڻي تي ايس ايڇ او چمبڙ مقرر ڪيو ويو آهي.



ڏگهڙي: اسسٽنٽ ڪمشنر بسن ۾ وڌيڪ ورتل ڀاڙو واپس ڪرائي رهيو آهي

دادو ۾ زمين تي قبضي ۽ گهر تي فائرنگ خلاف چانڊيا برادري جو احتجاج

دادو(ڊ ر) خيرپورناٿن شاهه جي ڳوٺ احمد خان چانڊيو جي رهواسين استاد نثار احمد چانڊيو آزاد علي چانڊيو مظهرعلي بلاول چانڊيو دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ڳوٺ ۾ اسان جي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ڪراچي يونيورسٽي ۾ شاگردن ۽ استادن تي حملي خلاف سنڌي شاگرد تحريڪ جو احتجاج

جمعيت جي ڪارڪنن جو حملو ڪيل دهشتگردي ۽ تعليمي آزادي تي وار آهي:اڳواڻ

حملو ڪندڙن خلاف ڪيس ۾ دهشتگردي جا ڪلم شامل ڪرڻ ۽ زخمين کي انصاف ڏيڻ جو مطالبو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)سنڌي شاگرد تحريڪ (ڪيو اي ٽي) جي مرڪزي آرگنائيزر ثقلين عباس، جنرل سيڪريٽري عامر ڪوسو مدثر سرڪي، ايڊووڪيٽ اي ڪي بروهي، آٿر راٺوڙ سلمان چانڊيو معدي لغاري، نعيم شر ۽ ٻين اڳواڻن ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي سنڌي شاگردن ۽ استادن تي جمعيت غنڊن پاران ڪيل قاتلاڻي حملي جي سخت لفظن بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ پورهيت جو بااثرن جي ظلم ۽ تشدد خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ ڪاڻين جا رهيل پئسا واپس گهرڻ تان بااثر زميندار پاران پورهيت جا هٿ پير ٻڌيءَ ڪري مٿس بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۽ ڀرپاسي ۾ پوليس جو آپريشن ناڪام، هڪ به افغاني سوگهو نه ٿيڻ ايس ٽي پي پاران ڌرڻو

سنڌ حڪومت پاران ڏهه جولاءِ تائين افغانين کي سنڌ مان نيڪالي ڏيڻ واري حڪم باوجود ڪابه اڳڀرائي نه ٿي

پوليس جي پوليس جي شڪي ڪردار سبب ڪارروائين باوجود مهم ناڪام بڻجي وئي آهي

سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران ڊي سي آفيس اڳيان احتجاجي ڪيمپ لڳائي ڌرڻو هنيو ويو جانبدار آپريشن جو مطالبو

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو) سنڌ حڪومت پاران ڏهه جولاءِ تائين افغانين کي سنڌ مان نيڪالي ڏيڻ واري حڪم باوجود بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5



ڪوٽڙي: ايس ٽي پي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڏگهڙي ۾ اي سي جي ٽرانسپورٽ جا وڌيڪ ڀاڙو وصول ڪندڙن خلاف ڪارروائي

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران ٽرانسپورٽ پاڙن جي چڪاس، وڌيڪ ڀاڙو وصول ڪندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف ڪارروائي موقعي تي ئي مسافرن کي اضافي رقم واپس ڪرائي وئي تفصيل موجب اسسٽنٽ ڪمشنر ڏگهڙي اختر علي لاشاري آر ٽي اي آفيس جي سپرنٽنڊنٽ بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران ٻن جوابدارن کي هٿيارن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوي

خيرپور(ڊ ر)راڻي پور پوليس روهڙي ڪينال پرسان گشت دوران مشڪوڪ ماڻهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڌوهارين پوليس کي ڏسي فائرنگ ڪري ڏني جنهن تي پوليس جوابي ڪارروائي ۾ مبينا بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڀان سيدآباد ۾ پلاٽ جي ماپ دوران فائرنگ، پوليس اهلڪار زخمي، ايس يو پي اڳواڻن جو احتجاج

عدالتي حڪم تي پلاٽ جي ماپ دوران احمد علي لغاري جي ڌر طرفان فائرنگ ڪئي وئي

پوليس اهلڪار عمر بدرائي زخمي، متاثر ڌر ايس يو پي اڳواڻ روشن برڙو ۽ ٻين جو احتجاج

ڀان سيدآباد (ن ع) ڀان سيد آباد ۾ ايس يو پي اڳواڻ روشن علي برڙو، واپاري آصف ميمڻ ۽ احمد علي لغاري درميان پلاٽ جي مالڪي تان ڏڪرار هلندڙ هو. جنهن جي ماپ دوران هڪ ڌر جي احمد علي لغاري پاران فائرنگ ڪئي وئي نتيجي ۾ چرا لڳڻ سبب پوليس اهلڪار عمر بدرائي بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ اٽو 120 رپيا في ڪلو وڪرو ڪيو وڃي:ڊي سي

جيتوڻيڪ ان قيمت تي ڪين في ڪلو لڳ ڀڳ 10 رپين جو نقصان برداشت ڪرڻو پوندو

هڪ هفتي اندر حڪومت سرڪاري اگهه تي ڪڻڪ جي فراهمي يقيني بڻائي:چڪي مالڪ

سامارو (رپورٽ ڪيمچند مالهي)سامارو ڊي سي عمرڪوٽ جي هدايت تي سامارو ۾ اٽو چڪي مالڪن جو اهم اجلاس. هڪ هفتي تائين اٽو 120 رپيا في ڪلو وڪرو ڪرڻ جو اعلان ڊي سي عمرڪوٽ جي هدايت تي اسسٽنٽ ڪمشنر سامارو جي آفيس ۾ اٽو چڪي مالڪن جو هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن جي صدارت اسسٽنٽ ڪمشنر سامارو ڪئي اجلاس ۾ تعلقي جي مختلف بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: هڪ هارياڻي پالڪ جي فصل ۾ گڏ ڪري رهي آهي

محرابپور ۾ حضرت ابو طالب ع جي شان ۾ گستاخي ڪندڙ جي گرفتاري لاءِ احتجاجي ڌرڻو

مظاهرين مولانا امداد حسين شجاعي، مولانا بابر حسين قمي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

محرابپور پوليس بااثر هئڻ سبب گستاخي ڪندڙ جوابدار خلاف ڪابه ڪارروائي نه پئي ڪري: مظاهرين

ايس ايڇ او ڌرڻي ۾ پهچي 24 ڪلاڪن اندر مذڪوره جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي خاطري ڪرائي ڌرڻو ختم ڪرايو

محرابپور (ت ر) محرابپور ۾ حضرت ابو طالب عليه السلام جي شان ۾ گستاخي ڪندڙ جوابدار کي پوليس پاران گرفتار نه ڪرڻ واري عمل خلاف محرابپور ۾ عزادارن پاران ريلي ڪڍي وئي، احتجاجي ريلي بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

ريجنل ڊائريڪٽر محتسب سانگهڙ پاران ٽنڊوآدم ۾ کليل ڪچهري

ٽنڊوآدم (ن ع) صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ سهيل احمد راجپوت (تمغه امتياز) جي هدايتن تي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو غلام علي ۾ ٻن مهينن کان پاڻي بند هجڻ خلاف آبادگارن جو احتجاجي ڌرڻو

ايس ڊي او ٻهرو مائينر شاخ جي پوڇڙ جو پاڻي وڪرو ڪري ظلم ڪري رهيو آهي:مظاهرين

پاڻي نه ملڻ سبب فصل سڪي ويا آهن، ٻڪرين مان اڄ رکهي مري رهيو آهي، نوٽيس ورتو وڃي

ٽنڊوغلام علي(ن ع) نصير ڪئنال جي ٻڪيرائي سب ڊويزن مان نڪرندڙ ٽنڊوغلام علي ٻهرومائينر شاخ ۾ ٻن مهينن کان پاڻي نه هئڻ خلاف آبادگارن جو ڪامريڊ رزاق بوزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڌرڻو خبر موجب نصير ڪئنال جي ٻڪيرائي سب ڊويزن مان نڪرندڙ ٽنڊوغلام علي بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

تعلقي اسپتال ٽنڊوآدم ۾ باهه سبب متاثر ٿيل ٽراما سينٽر ٻيهر فعال

ٽنڊوآدم (ن ع) ڪجهه مهينا اڳ شارٽ سرڪٽ سبب لڳل باهه ۾ متاثر ٿيل تعلقي اسپتال ٽنڊوآدم جو ٽراما سينٽر باقاعدي طور ٻيهر فعال ڪيو ويو بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5



ٽنڊو غلام علي: آبادگار پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڳاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.